روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
Daily AWAMI SOACH Karachi
جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | سومر 23 نومبر 2026ع بمطابق 12 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 42

وڏي وزير پاران ٿر لاءِ ڏڪار امدادي پيڪيج تي عملدرآمد جي منظوري

مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن لاءِ امدادي پيڪيج بابت جائزي وارو اجلاس ٿيو، اجلاس ۾ بريفنگ

عمرڪوٽ جي ريگستاني علائقن جا 25 ڳوٺ تجويز ڪيل آفت ستيل علائقن ۾ شامل آهن وڏي وزير ڏڪار متاثرن لاءِ 5 ارب 30 ڪروڙ رپين جي امدادي پيڪيج تي عملدرآمد جي هدايت ڪئي

وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي لاڳاپيل کاتن ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سان رابطو ۽ سهڪار يقيني بڻائڻ جي هدايت پڻ ڪئي

خوراڪ کاتي پاران ڪڻڪ جي فراهمي تي في مڻ 2 هزار رپيا اضافي امداد پڻ ڏني ويندي : مراد علي شاهه

ان ڪانسواءِ آبادگارن لاءِ في ايڪڙ 4 هزار رپين جي ڊي اي پي ڀاڻ تي سبسڊي ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي

مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن لاءِ امدادي پيڪيج بابت جائزي وارو اجلاس ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ٿر ڏڪار امدادي پيڪيج تي عملدرآمد جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. وڏي وزير جي ترجمان موجب، مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن لاءِ امدادي پيڪيج بابت جائزي وارو اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته عمرڪوٽ جي ريگستاني علائقن جا 25 ڳوٺ تجويز ڪيل آفت ستيل علائقن ۾ شامل آهن وڏي وزير ڏ/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن

اسلام آباد (بيورو) سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان جي مير علي علائقي ۾ سرچ ۽ ڪليئ/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 21

صدر پاران سينئر صحافي حسين نقي جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري سينئر صحافي، انساني حقن جي علمبردار حسي/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 22

تڪرار جو حل چاهيون ٿا، پاڪستان آمريڪا۔ايران ڳالهين ۾ سرگرم سفارتي ڪردار ادا ڪندو رهندو: بلاول

پاڪستان آمريڪا۔ايران ڳالهين ۾ سرگرم سفارتي ڪردار ادا ڪندو رهندو پاڪستان خطي ۾ امن ۽ ڳالهين ذريعي تڪرارن جو حل چاهي ٿو

آمريڪا۔ايران ڳالهين جي ڪاميابي عالمي معيشت جي مفاد ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته پوري دنيا ڪي ايران جنگ جا معاشي اثر برداشت ڪرڻا پئجي رهيا آهن

بلاول ڀٽو افغانستان ۾ دهشتگرد گروپن جي موجودگي کي پاڪستان لاءِ هڪ وڏو سيڪيورٽي چئلينج قرار ڏنو

افغانستان مان آمريڪي فوج جي واپسي ڪان پوءِ جديد هٿيار دهشتگردن جي هٿن ۾ هليا ويا پاڪستان عالمي طاقتن جي وچ ۾ ٽڪراءُ جي بدران تعاون جي حمايت ڪري ٿو

پاڪستان آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندو رهندو پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي جي وچ ۾ دفاعي تعاون علائقائي استحڪام لاءِ اهم آهي

پاڪستان آمريڪا۔ايران ڳالهين ۾ سرگرم سفارتي ڪردار ادا ڪندو رهندو پاڪستان خطي ۾ امن ۽ ڳالهين ذريعي تڪرارن جو حل چاهي ٿو

اسلام آباد (بيورو) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان آمريڪا۔ايران ڳالهين ۾ سرگرم سفارتي ڪردار ادا ڪندو رهندو. ترڪ ميڊيا سان هڪ انٽرويو ۾، چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري واضح ڪيو ته پاڪستان خطي ۾ امن ۽ ڳالهين ذريعي تڪرارن جو حل چاهي ٿو هن چيو ته آمريڪا۔ايران ڳالهين جي ڪاميابي عالمي معيشت جي مفاد ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته پوري/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 1

اسلام آباد: وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، مون کي خبر ناهي ته واپاري صوبن جي ڪهاڻي ڪٿان ڪٽي آيا آهن: ناصر حسين شاهه

اسان ريفرنڊم کان ڀڄڻ وارا نه آهيون، پر جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي) کي نظرانداز ڪندي ريفرنڊم ڪرايو ويو ته اسان سنڌ جي ماڻهن سان گڏ هونداسين

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي. مون کي خبر ناهي ته واپاري صوبن جي ڪهاڻي ڪٿان ڪٽي آيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير ناصر / ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 23

وزيراعظم 30 نومبر کان روس ۽ ايران جي اهم سرڪاري دوري تي روانو ٿيندو

وزيراعظم روسي صدر ولاديمير پيوٽن جي باضابطه طور تي دعوت ڏيندو

شنگهائي تعاون تنظيم جي سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان جو پنهنجو پهريون دورو ڪري

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف 30 نومبر کان روس ۽ ايران جي اهم سرڪاري دوري تي روانو ٿيندو. جنگ ۽ دي نيوز ۾ شايع ٿيل خبرن/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 25

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 24

وزيراعظم پاران فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون قومي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪن ٿيون : وزيراعظم

سيڪيورٽي فورسز جي وقت تي فيصلائتي ڪارروائي دهشتگردي جي هڪ وڏي خطري کي ناڪام بڻايو

دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪاميابيون ۽ قربانيون تعريف جوڳيون آهن

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف پشاور جي علائقي متني ۾ فتنه الخوارج خلاف/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 2

ريفرنڊم جي معاملي تي وزيرن جي هڪ خاص گروپ جي رويي جي مذمت ڪريون ٿا: رضا رباني

ريفرنڊم صوبائي حدون تبديل ڪرڻ لاءِ آرٽيڪل 239/4 ۾ بيان ڪيل طريقيڪار جو متبادل ناهي

ريفرنڊم جي معاملي تي وزيرن جي هڪ خاص گروپ جي رويي جي مذمت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي سينيٽ چيئرمين ميان رضا ر/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 26

سعودي عرب، اقامي، ليبر ۽ بارڊر سيڪيورٽي جي خلاف ورزين تي هڪ هفتي ۾ 10783 ماڻهو گرفتار

11915 غيرقانوني پناهگيرن کي سندن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو

رياض (م ڊ) سعودي اختياريـن اقامي، ليبر ۽ بارڊر سيڪيورٽي جي خلاف ورزين تي هڪ هفتي دوران 10783 ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو ج/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 19

هڪ وزير روز ٽي وي تي اچڻ لاءِ مون تي تبصرا ڪري پيو: محسن نقوي

اڍائي سالن کان ان وزير جا تبصرا صبر سان ٻڌي رهيو آهي، جن واپارين تي تنقيد ڪئي پئي وڃي

اهي پاڪستان جا عزتدار شهري آهن، اهي واپاري وفاق ۽ مختلف شهرن جي چيمبرن جا صدر ۽ عهديدار رهيا آهن

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته هڪ وزير اڄڪلهه روز ٽي وي تي اچڻ لاءِ مٿ/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 3

نارروال: وفاقي وزير احسن اقبال يونيورسٽي ۾ فن پارا ڏسي رهيو آهي

لاهور: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي عورتون سان ڳالهائيندي

موسمياتي تبديلي اسان جي تهذيب ۽ تاريخي ورثي لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي: وفاقي وزير

2022 جي تباهي ڪندڙ ٻوڏ جي نتيجي ۾ پاڪستان ۾ لڳ ڀڳ 1,700 ماڻهو فوت ٿيا، جنهن ۾ سنڌ جو گهڻو حصو ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو

آگسٽ 2022 دوران لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو جي تباهيءَ تي رڪارڊ برسات پئي، تيز برسات سبب 4,500 سال پراڻي موهن جو دڙو جون ڪيترئون ئي ڀتيون ڊهي پيون

موسمياتي تبديلي اسان جي تهذيب ۽ تاريخي ورثي لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي پاڪستان جي سرزمين سنڌو ماٿري ۽ گنڌارا جي قديم تهذيبن جو مرڪز رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير مصدق ملڪ جو چوڻ آهي ته موسمياتي تبديلي اسان جي تهذيب ۽ تاريخي ورثي لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي. موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته 2022 جي تباهي ڪندڙ ٻوڏ جي نتيجي ۾ پاڪستان ۾ لڳ ڀڳ 1,700 ماڻهو فوت ٿيا، جنهن ۾ سنڌ جو گهڻو حصو/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 18

ٽرمپ ۽ شي جن پنگ مصنوعي ذهانت جي فوجي فيصلن ۾ انساني مداخلت برقرار رکڻ تي متفق ٿيا: آمريڪي خزاني سيڪريٽري

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ چيني صدر شي جن پنگ ان ڳالهه تي متفق ٿيا آهن ته مصنوعي ذهانت (AI) ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي

هي معاهدو صدر ٽرمپ جي ايشيا جي دوري جي وڏين ڪاميابين مان هڪ هو. ٽرمپ انتظاميا جي ٽيڪنالاجي لاءِ ترجيحي اصطلاح "سپرانٽيليجنس" جو حوالو ڏيندي

اهو انتهائي اهم آهي ته صدر ٽرمپ ۽ صدر شي ان ڳالهه تي متفق ٿيا آهن ته 'سپرانٽيليجنس' ذريعي ڪنهن به فوجي فيصلي سازي ۾ هميشه انسانن کي شامل ڪيو وڃي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي خزاني واري سيڪريٽري اسڪاٽ بيسنٽ چيو آهي ته ٽرمپ ۽ شي جن پنگ فوجي قسم جي اي آءِ فيصلن ۾ انساني مداخلت برقرار رکڻ تي متفق ٿيا. اسڪاٽ بيسنٽ چيو ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ چيني/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 5

لاهور: صوبائي دارالحڪومت لاهور ۾ سموگ جي شدت جي ڪري فضا آبر آلود آهي

حڪومتي نااهليءَ سبب ڪڻڪ جو وڏو بحران پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي: مفتاح اسماعيل

ڪراچي ۾ ڪڻڪ جو اگهه 157 رپيا في ڪلو تائين پهچي ويو آهي، اينڊڙ ڏينهن ۾ اٽي جي قيمت 200 رپيا في ڪلو يا ان کان به وڌي سگهي ٿي، اها ساڳي ڪڻڪ آهي

جيڪا هارين هلندڙ سال اپريل ۽ مئي ۾ 65 رپيا في ڪلو کان به گهٽ اگهه تي وڪرو ڪئي هئي

پرڏيهه مان درآمد ٿيندڙ ڪڻڪ جي ڪراچي پهچڻ تائين لاڳت لڳ ڀڳ 95 رپيا في ڪلو ٿئي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي وفاقي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل خبردار ڪيو آهي ته وفاقي حڪومت جي ناقص پاليسين ۽ وقت سر فيصلا نه ڪرڻ سبب ملڪ ۾ ڪڻڪ جو وڏو بحران پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي. پنهنجي بيان ۾ مفتاح اسم/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 28

حڪومت سياسي ورهاست دران عوامي مسئلن جي حل تي ڌيان ڏي: شيري رحمان

پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چاهي ٿو ته سياست ذريعي عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن، نه ڪي نيون ورهاستون پيدا ڪيون وڃن

"چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري رت وهائڻ نه، پر رت وهڻ کان روڪڻ چاهي ٿو. "سندس اهو بيان ان کان اڳ سامهون آيو

سردار اياز صادق، مجموعي سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ ايوان صدر ۾ صدر آصف علي زرداريءَ سان ملاقات

اسلام آباد (بيورو) نون صوبن جي ضرورت بابت جاري بحث دوران پنهنجي پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندي، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان چنچر ڏينهن حڪومت تي زور ڀريو ته نيون سياسي ورهاستون پيدا ڪرڻ بدران عوام جي مسئلن تي ڌيان ڏئي. هن چيو ته وزيرن کي اشتعال ڏيارينڊڙ بيان ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 6

پرڏيهي عدالت جي ڊگري پاڪستان ۾ لاڳو نٿي ڪري سگهجي: سپريم ڪورٽ

سپريم ڪورٽ خانگي ڪمپني جي اپيل 2_1 جي اڪثريتي راءِ سان منظور ڪندي لاهور هاءِ ڪورٽ ۽ ماتحت عدالت جا حڪم ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيا

وفاقي ۽ ابوظهبي جي مقامي عدالتن جي قانوني حيثيت ۽ پرڏيهي عدالتي فيصلن کي پاڪستان ۾ لاڳو ڪرڻ بابت قانوني نقطن جو جائزو ورتو ويو

ابوظهبي جي مقامي اپيلٽ عدالت کي گڏيل عرب امارتن جي وفاقي اپيلٽ عدالت تصور نٿو ڪري سگهجي

اسلام آباد) بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان هڪ خانگي ڪمپني جي اپيل تي اهم فيصلو ٻڌائيندي قرار ڏنو آهي ته پرڏيهي عدالت جي ڊگري پاڪستان ۾ سڌي ريت لاڳو نٿي ڪري سگهجي. سپريم ڪورٽ خانگي ڪمپن/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 29

سردار عبدالرحمان کيتران خلاف قتل جو ڪيس داخل

گرفتار جوابدار جي نشاندهي تي قتل ڪري دفن ڪيل ٽن ڄڻن جا لاش هٿ ڪيا ويا آهن

پوليس لاشن جا باقيات ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان اسيمبلي جي ميمبر سردار عبدالرحمان کيتران خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب سردار عبدالر/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 17

پشاور، هوائي فائرنگ خلاف ڪريڪ ڊائون، 13 جوابدار گرفتار

شهر جي 8 ٿاڻن جي حدن ۾ هوائي فائرنگ خلاف ڪارروايون ڪيون ويون

يڪي توت، فقير آباد، چمڪني، آزمڙ، تهڪال ۽ بڌهه بير سميت مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪيون ويون

پشاور (م ڊ) شادي جي تقريبن ۾ هوائي فائرنگ ڪندڙن خلاف پوليس ڪريڪ ڊائون ڪندي 6 گهوٽن سميت 13 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ۽/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 16

ڪراچي کي وفاق جو حصو بڻائڻ جي ڳالهه تي ته حمايت ڪنداسين: مصطفي ڪمال

نون صوبن جي تحريڪ تان هڪ انچ به پوئتي نه هٽنداسين ۽ جيڪڏهن ڪراچي کي وفاق جو حصو بڻائڻ جي ڳالهه ٿي ته ان جي ڀرپور حمايت ڪنداسين

ڊسمبر اهم مهينو آهي، جيڪو ڪجهه ٿيڻو آهي، اهو اينڊڙ بجيٽ کان اڳ ٿيڻو آهي. نوان صوبا سندن ايندڙ نسلن جي بقا جو معاملو ۽ لائف لائن آهن

جيڪڏهن صوبن بابت ڳالهه ٻولهه سرڪاري سطح تي نه هجي ها ته هينئر تائين ڪنهن نه ڪنهن ان کي روڪرائي ڇڏيو هجي ها

آصف علي زرداري سمجهدار آهن ۽ ڄاڻن ٿا ته هر ڪم جو هڪ مناسب وقت هوندو آهي

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته ڪراچي کي وفاق جو حصو بڻائڻ جي ڳالهه ٿي ته هو ان جي حمايت ڪندا. ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو ته ڪو ڪجهه به ڪري وٺي، هو نون صوبن جي تحريڪ تان هڪ انچ به/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 7

سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي ڪا به سوديبازي قبول ناهي: رهبر ڪميٽي اڳواڻ

جعلي ريفرنڊم يا پارليامينٽ ۾ ويهي سنڌ جي ورهاست جون ڳالهيون ڪرڻ ست ڪروڙ سنڌين جي توهين آهي : رياض چانڊيو

سنڌ جا ماڻهو پرامن احتجاج ذريعي پنهنجي ڌرتيءَ جي جاگرافيائي وحدت، سمنڊ، تهذيب ۽ ثقافت جو تحفظ ڪندا

اسان کي انصاف ته نه مليو، پر هاڻي اسان جي ڌرتيءَ جو وجود ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن

سنڌ جي وحدت تي ڪا به سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي. رياض چانڊيو سنڌ وحدت مارچ ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل

ڪراچي (رپورٽر) جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران ڪراچي ۾ رٿيل "وحدت سنڌ مارچ" اڄ ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ شرڪت لاءِ مختلف شهرن مان ايندڙ قافلن جي آمد جاري آهي. جڏهن ته قافلن جي آمد ۽ مارچ جي رستن کي حتمي شڪل ڏني وئي آ/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 30

ڪراچي: جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران ڪراچي ۾ رٿيل "وحدت سنڌ مارچ ٿي رهيو آهي

پنجاب ۽ ڪي پي ۾ ڪوهيڙي سبب موٽر ويز جا ڪجهه حصا بند

لاهور (م ڊ) پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ شديد ڪوهيڙي ۽ حدِ نگاهه متاثر ٿيڻ سبب موٽر ويز ج/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 31

حسين نقي لاهور ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، صدر پاران تعزيت

لاهور (م ڊ) سينيئر صحافي ۽ انساني حقن جو سرگرم ڪارڪن حسين نقي آچر ڏينهن لاهور ۾ لاڏاڻو ڪري ويو هو اخبار دي نيوز جو اڳوڻو اي/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 32

ايران سان اهڙو معاهدو ڪبو جيڪو ڪو به صدر تبديل نه ڪري سگهي: ڊونلڊ ٽرمپ

جنهن کي مستقبل جو ڪو به آمريڪي صدر تبديل نه ڪري سگهندو

ٽرمپ، جيڪو ايران ۾ حڪومت جي تبديلي جو خواهشمند رهيو آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران سان اهڙو مستقل معاهدو ڪيو ويندو، جنهن کي مستقبل جو ڪو به آمريڪي صدر/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 15

ڪراچي ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ، پوليس جي وڏي نفري مقرر

احتجاجي مظاهرن ۽ ريلين نڪرڻ جي امڪان کي نظر ۾ رکندي شهر جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي

ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ريڊ زون ۾ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ ضلعي سطح تي پوليس کي ضروري هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. / ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 14

پاڪستان جي سرڪاري قرض ۾ هڪ سال ۾ 6.2 ٽريلين رپين جو اضافو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي سرڪاري قرض ۾ هڪ سال ۾ 6.2 ٽريلين رپين جو وڏو ا/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 8

پشاور ۾ شادي جي تقريب ۾ هوائي فائرنگ ڪندڙن خلاف پوليس جي ڪريڪ ڊائون، 6 گهوٽ سميت 13 شڪي گرفتار

پشاور (م ڊ) پشاور ۾ شادي جي تقريب ۾ هوائي فائرنگ ڪندڙن خلاف پوليس ڪريڪ ڊائون/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 9

ڪراچي: وفاقي وزير مصطفي ڪمال پريس ڪانفرنس ڪندي

واپاري کان 70 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جا موبائل فون ڦر

متاثر واپاري منير خان عرف منا صدر موبائل مارڪيٽ، عبدالله هارون روڊ تان موبائل فون خريد ڪري واپس وڃي رهيو هو

قائدآباد موبائل مارڪيٽ پرسان هٿياربندن ڪيس روڪي لکين رپين جا موبائل فون ڦري ورتا ۽ فرار ٿي ويا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) شاهه لطيف ٿاڻي جي حد قائدآباد موبائل مارڪيٽ پرسان چئن هٿياربند ڦورن واپاري کان 70 لک رپين کان وڌي/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 34

فرانس ۾ مهانگائي خلاف مسلسل ڇهين هفتي به احتجاج جاري، سوين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا

فرانس (م ڊ) فرانس ۾ مهانگائي ۽ حڪومتي پاليسين خلاف احتجاج جاري آهن. پرڏيهي ميڊي/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 33

سنڌ 7 بلدياتي سيٽن تي ننڍيون چونڊون، پولنگ جاري

حيدرآباد، مٽياري، ميرپورخاص، نوشهروفيروز ۽ لاڙڪاڻي ۾ ننڍيون چونڊون ٿي رهيون آهن

پولنگ مقرر وقت صبح 8 وڳي شروع ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي 5 ضلعن جي 7 بلدياتي سيٽن تي ننڍين چونڊن لاءِ پولنگ جو عمل جاري آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 13

جمهوريه پرتگال جو پرڏيهي معاملن وارو وزير پاڪستان جي سرڪاري دوري تي پهچي ويو

اسلام آباد (بيورو) جمهوريه پرتگال جي پرڏيهي معاملن وارو وزير ايچ اي پالورينجل پاڪ/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 10

ڪراچي ۾ پٽ هٿان پيءُ جو مبينا طور بيدرديءَ سان قتل

واقعو نارٿ ڪراچي سيڪٽر فائيو ايم ۾ پيش آيو

جتي هڪ گهر اندر پٽ مبينا طور تيز ڌار اوزار جا وار ڪري پنهنجي 65 ورهين جي پيءُ کي قتل ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) نارٿ ڪراچي ۾ پٽ مبينا طور تيز ڌار اوزار سان 65 ورهين جي پيءُ کي قتل ڪري سندس مٿو ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ مٿو/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 11

پشاور، متني ۾ گڏيل آپريشن، فتنه الخوارج جا 3 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ عبدالرشيد، سعيد الله ۽ سعيد نواب طور ڪئي وئي آهي

دهشتگرد سرڪاري تنصيبات تي حملن ۽ پاڪستان جي سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي منصوبابندي ڪري رهيا هئا

دهشتگردن وٽان 2 ڪلاشنڪوفون، هڪ پستول، 3 دستي بم، 5 ميگزين ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊ هٿ ڪيا ويا آهن

پشاور (م ڊ) متني واري علائقي ۾ سي ٽي ڊي ۽ سيڪيورٽي فورسز جي گڏيل آپريشن دوران فتنه الخوارج جا 3 دهشتگرد مارجي ويا. سينٽرل پوليس آفيس موجب مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ عبدالرشيد، سعيد الله ۽ سعيد نواب طور ڪئي وئي/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 35

ڪراچي: آرٽس ڪائونسل ۾ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول جي موقعي تي روسي فنڪار فن جو مظاهرو ڪندي

گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ سان خيبرپختونخوا ۾ امن ۽ ترقي جي نئين دور جي شروعات ٿي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

ڇاڪاڻ ته صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ ترقياتي هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گورنر جو مضبوط ۽ بااختيار هئڻ ضروري آهي

وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا جي گورنر کي بااختيار بڻائي رهي آهي ۽ تازو آرڊيننس ان حڪومتي عزم جو واضح ثبوت آهي

ان کي سياسي تڪرار بڻائڻ بدران صوبي جي امن ۽ استحڪام لاءِ گڏيل ڪوششن جو حصو سمجهڻ گهرجي

اسلام اباد (بيورو) وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي، ته پيپلز پارٽي خيبر پختونخوا جي گورنر جي آئيني ڪردار ۽ وفاقي حڪومت سان رابطن کي تڪراري نه بڻائي. ڇاڪاڻ ته صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ ترقياتي هدفن/ ٻئي صفحي 2 بقايا نمبر 12

بقايا عوامي سوچ 01

ال ڪراچي ۾ پٽي ۾ پٿرين واري بيماري سبب داخل ڪيو ويو آهي. جتي سندس پتي جي پٿرين جي ڪامياب آپريشن پڻ ڪئي وئي، جتي سندس علاج جاري آهي. ٿئي جي صحافين، سياسي، سماجي ڌرين جي اڳواڻن توڙي ملاح برادري پاران صحافي محمد ايوب ملاح جي جلد صحتيابي لاءِ خصوصي دعائون گهرندي چيو ته صحافي محمد ايوب ملاح جلد صحتياب ٿي پنهنجي گهر پهچي ٻيهر پنهنجون صحافتي سرگرميون جاري رکي سگهي

بقايا عوامي سوچ 02

ي ويو. باھ متاثرين سياري جي موسم ۾ به کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن

بقايا عوامي سوچ 03

تي ڪرپشن جا الزام لڳائڻ ڪانپوءِ ٽي اي او فيميل جوهي به خاموشي ٽوڙيندي اي ڊي او تي هراسان ڪرڻ، ڌمڪائڻ ۽ غيرقانوني طور رٽائرمينٽ جي فائيلن تي صحيحون ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ جا الزام لڳائي ڇڏيا آهن. دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٽي اي او فيميل جوهي ميڊم سيده شاهه جهان شاهه چيو ته هوءَ ميڊيا تي اچڻ نٿي چاهي، پر اي ڊي او پاران پريس ڪانفرنس ڪري باس آفيسر هجڻ باوجود مٿس ڪرپشن جا ڪوڙا الزام لڳائڻ ڪانپوءِ ڪيس مجبور ٿي پنهنجو موقف عوام آڏو رکڻو پيو آهي. هن الزام لڳايو ته ڊي اي او ڪيس رٽائرمينٽ جي فائيلن تي زبردستي صحيحون ڪرڻ لاءِ ڌمڪايو ۽ هراسان ڪيو. جڏهن ته انڪار ڪرڻ تي ڪيس شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو. هن جو چوڻ هو ته رٽائرمينٽ جي فائيلن ۾ ضروري ڪاغذ اڻپورا هئا. جنهن سبب فائيل روڪيا ويا هئا. لاڳاپيل ملازمن کي چيو ويو هو ته پرتين جا اصل آرڊر جمع ڪرايا وڃن. جيئن فائيل مڪمل ٿيڻ بعد قانون موجب صحيحون ڪري سگهجن. ميڊم شاهه جهان شاهه وڌيڪ چيو ته هوءَ ڊائريڪٽر ۽ منسٽر صاحب جي هدايتن توڙي قانون موجب پنهنجا فرض سرانجام ڏيندي آهي ۽ ڪنهن به نامڪمل فائيل تي صحيح ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن استاد کي ويزا تي موڪلڻ وارن الزامن کي رد ڪندي چيو ته اهي الزام درست ناهن. ڪاتي ۾ بائيو ميٽرڪ سسٽم لاڳو آهي ۽ ان جو مڪمل رڪارڊ موجود آهي. جيڪڏهن جاچ ڪرائي وڃي ته هوءَ ثابت ڪندي ته ويزا سسٽم موجود ناهي. جڏهن ته اجائي واويلا ڪري سندس ساک متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. پريس ڪانفرنس دوران هن اهو به انڪشاف ڪيو ته اي ڊي او ڪيس ذاتي طور به هراسان ڪندو رهيو آهي ۽ چوندو هو ته دعوت ڪيو، مان اوهان جي گهر اچي اوهان جي هٿن جي ماني کائڻ چاهيان ٿو. جيڪا ڳالهه ڪيس نامناسب محسوس ٿي. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته الزامن جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ تعليم ڪاتي ۾ قانون ۽ ضابطن موجب انتظامي معاملا هلايا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 04

امي پريس ڪلب ڊڏو طرفان ميرپورخاص جي صحافين مٿان مبينا طور ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ، گرفتارين ۽ ڪين حراسان ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاجي مظاهري جي قيادت عوامي پريس ڪلب ڊڏو جي صدر طلعت آڪاش پٽي، دودو سومرو، سيد لطيف اڪبر شاهه، عزيزالله جاکرو، عزيز سولنگي، شاهزيب پٽي، سمير چانڊيو، عامر پٽي، گووندا مهيشوري ۽ ٻين صحافين ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي صحافي اڳواڻن چيو ته ميرپورخاص پوليس پاران صحافين فلڪ شير، علي رضا رند ۽ عمران ملڪ کي انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻائيندي مبينا ڪوڙين ايف آءِ آرز ۾ ڦاسائي گرفتار ڪيو ويو آهي. جيڪا صحافتي آزادين تي سڌو سنئون حملو آهي. هنن چيو ته حق ۽ سچ لکڻ ۽ عوامي مسئلا اجاگر ڪرڻ جي ڏوهه ۾ صحافين مٿان ونگاري چڙهنو ڪيس داخل ڪري ڪين دٻاءُ هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي. مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان پرزور مطالبو ڪيو ته صحافين فلڪ شير، علي رضا رند ۽ عمران ملڪ مٿان داخل ڪيل مبينا ڪوڙن ڪيسن جو فوري طور نوٽيس وٺي معاملي جي صاف ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي. مٿن داخل ڪيس ختم ڪري ڪين بنا شرط آزاد ڪيو وڃي ۽ ڪين حراسان ڪرڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي. صحافي اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن گرفتار صحافين کي فوري طور آزاد ڪري ڪوڙيون ايف آءِ آرز خارج نه ڪيون ويون ته پوري سنڌ جي صحافتي تنظيمن سان گڏجي احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 05

لله فيض ڪئي. سجاول ۾ احتجاجي ريلي مدرسا القاسميه کان شروع ٿي جيڪا بس اسٽاپ کان ٿيندي مامون لاڏو چوڪ پهتي، جتان ريلي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي پبلڪ پارڪ تي پهتي. ريلي ۾ جي يو آءِ جي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي تعداد شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن مولانا فضل الرحمان سان مبينا نازيبا سلوڪ جي مذمت ڪندي نوان انتظامي يونٽ ۽ صوبا ناهڻ واري معاملي تي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ريلي ۾ اڳواڻن مطالبو ڪيو ته قيادت سان احترام وارو رويو اختيار ڪيو وڃي ۽ عوام جي خدشن کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 06

رافيائي سالميت تي ڪوبه ڌاڪ نه ٿيندو. جي يو آءِ اڳواڻن خلاف انتقامي ڪارروائين ۽ مهانگائي خلاف جيڪب آباد ۾ وڏو احتجاجي مظاهرو، سوين ڪارڪنن جي شرڪت. جمعيت علماءِ اسلام ضلعي جيڪب آباد پاران قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان سان يڪجهتي جي اظهار،

سنڌ جي ورهاڱي وارين سازشن، جي يو آءِ جي اڳواڻن خلاف انتقامي ڪارروائين ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف هڪ وڏو احتجاجي مظاهرو جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري، ضلعي جنرل سيڪريٽري مولانا سليم الله بروهي، سيد شاهه محمد شاهه، ڊاڪٽر خليل احمد ڪوسو، مولانا عبدالجبار رند، جي يو آءِ لائير فورم جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ حاجي عبدالرزاق سيال، عبدالرب اوڏائو، مولانا عبدالوحيد بروهي، سيد محمد شاهه، حافظ عبدالقادر چنا، مولانا عبدالمالڪ گهنيو، مولانا نصرالله گهنيو، مولانا تاج محمد پٽي، انجنيئر حمادالله انصاري، حافظ محمود مهر، محڪم الدين بروهي، عمار انصاري، تاج محمود امروٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جي يو آءِ جي ضلعي آفيس کان ڪڍيو ويو. جنهن ۾ سوين ڪارڪنن شرڪت ڪئي. مظاهرين هٿن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مختلف شاهراهن تان مارچ ڪندا ڊي سي چوڪ پهچ ڌرڻو هنيو جنهن سبب ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته مولانا فضل الرحمان اسان جي ريڊ لائين آهن. هنن هميشه آئين، جمهوريت، پارليامينٽ جي بالادستي ۽ عوامي حقن لاءِ اصولي جدوجهد ڪئي آهي. ملڪ جي قدرتي وسيلن ۽ معدنيات جي ڦرلٽ خلاف آواز اٿارڻ تي قائد جمعيت ۽ جي يو آءِ جي اڳواڻن کي انتقامي ڪارروائين جو نشانو بڻايو پيو وڃي. اڳواڻن چيو ته گهرن تي ڇاپا، گرفتاريون، چادر ۽ چوديواري جي تقدس جي لتاڙ ۽ ايف آءِ اي جا نوٽيس موڪلي جي يو آءِ جي حق ۽ سچ واري آواز کي دٻائي نٿو سگهجي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ورهاڱي، ريفرنڊم، ڪميشن جي قيام يا ڪراچي کي وفاقي يونٽ بڻائڻ جي ڪنهن به سازش کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. سنڌ جي وحدت، قومي سڃاڻپ ۽ جاگرافيائي سالميت يا ريفرنڊم تي ڪوبه ڌاڪ نه ٿيندو. ج و آ ءِ قائد جي قيادت ۾ پنهنجي آئيني، جمهوري ۽ پرامن جدوجهد جاري رکندي ۽ عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ ڪنهن به قرباني ڏيڻ کان پوئتي نه هٽندي.

بقايا عوامي سوچ 07

ي ڪري حادثن جو خطرو وڌي ويو آهي. جنهن سبب قيمتي انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ ست ورهين جو معصوم ٻار سمير ولد الهبچايو روڊ ڪراس ڪندي حادثي جو شڪار ٿي فوت ٿي ويو. جنهن تي پوري علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته مين شاهراهه تي گاڏيون انتهائي تيز رفتاري سان گذرن ٿيون. جڏهن ته اسپيڊ بريڪر ۽ حفاظتي انتظام نه هجڻ سبب پيادل هلندڙ ماڻهن، خاص طور تي ٻارن لاءِ روڊ ڪراس ڪرڻ انتهائي خطرناڪ بڻجي ويو آهي. رهواسين ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته انساني جانين جي تحفظ لاءِ ترڪش ڪالوني جي مين گيٽ سامهون مين شاهراهه تي فوري طور اسپيڊ بريڪر (جمپ) ۽ مسافر خانو قائم ڪيو وڃي. جيئن مستقبل ۾ ڪنهن ٻئي معصوم جي حياتي ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 08

ن خاص طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي منتظمين پاران محمد رضوان الحق ملڪ کي سنڌي ٽوپي، اجرڪ ۽ يادگار شيلڊ پيش ڪئي وئي. جڏهن ته گلن جا هار پارائي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو. تقريب دوران مهمان خاص ڀنهي ٽيمن جي رانديگرن سان تعارف حاصل ڪيو ۽ سندن حوصلا افزائي ڪئي. ان موقعي تي مهمان خاص محمد رضوان الحق ملڪ خطاب ڪندي چيو ته جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارن جو مستقبل بهتر ۽ روشن بڻائڻ چاهيون ٿا ته ڪين منفي سرگرمين کان پري ڪري راندين جي ميدانن ڏانهن راغب ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته اهي ٻار ئي اسان جو ايندڙ مستقبل آهن. ٻارن کي صحتمند، تعليم يافته ۽ مثبت سرگرمين ۾ مصروف رکڻ لاءِ راندين ۽ تعليمي ميدانن ۾ منهنجون ڪوششون هميشه جاري رهنديون. هن چيو ته ماضي ۾ سکر ۾ گورنر گولڊ فٽبال ٽورنامينٽ منعقد ٿيندو هو، پر ان کي بند ٿئي ڪافي عرصو گذري چڪو آهي. هن سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته فٽبال جي فروغ ۽ نوجوان رانديگرن جي حوصلا افزائي لاءِ ٻيهر ڪنهن به نالي سان گولڊ فٽبال ٽورنامينٽ منعقد ڪرايو وڃي. جيئن نوجوانن کي پنهنجون صلاحيتون ڏيکارڻ جا بهتر موقعا ميسر ٿي سگهن

بقايا عوامي سوچ 09

تي ضلعي هيڊڪوارٽر ٺٽو ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلعي ٺٽي پاران اعلانيل احتجاجي مظاهري بابت تفصيلي مشاورت ڪئي وئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته يونٽ جا سمورا عهديدار ۽ ڪارڪن احتجاجي مظاهري جي دعوت عام ڪن ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن جي شرڪت يقيني بڻائين. واضح رهي ته احتجاجي مظاهرو سياڻي نماز ظهر ڪانپوءِ بخاري مسجد ٺٽو کان پريس ڪلب ٺٽو تائين ڪيو ويندو. اجلاس ۾ يونٽ جي عمومي اجلاس سڏائڻ بابت پڻ مشاورت ڪئي وئي. ان موقعي تي سمورن عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي هدايت ڪئي وئي ته ضلعي جي احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪري تنظيمي ذميواريون نڀائين.

بقايا عوامي سوچ 10

لعت پٽي ۽ سندس ٽيم پاران مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي ۽ پوئيرن سان ڏک ۾ برابر شريڪ هجڻ جو اظهار ڪيو ويو. عوامي پريس ڪلب ڊڏو جي اڳواڻن چيو ته محبوب علي لغاري جي وڇوڙي تي ڪين گهرو ڏک پهتو آهي. الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عطا ڪري

بقايا عوامي سوچ 11

پيش آيو حادثي ۾ اسماعيل پٽ گل حسن بجير، رهواسي مٽي اوپر ٻاڙو سخت زخمي ٿي پيو. زخمي کي فوري طور مٽي سول اسپتال پهچايو ويو، جتي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ ڪانپوءِ سندس حالت

ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي..

بقايا عوامي سوچ 12

سپورٽ پروگرام ذريعي صرف عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر جي 2 لک 20 هزار خاندانن کي ٽي مهينن لاءِ 8 هزار روپيا ڏيڻ واري رقم کي ٿرجي عوام سان مذاق قرار ڏيندي ٿرجي 3 لک 50 هزار ڏڪار متاثرين جي سهائتا ۽ چوپائي مال جي چاري جي مد ۾ سستي اگهه تي ڪٽڪ ۽ چارو فراهم ڪرڻ يا وري هر خاندان کي سمورين ڪاڌ خوراڪ جي شين کي ماهوار اڌ قيمت تي سبسڊي ڏيئي سهائتا ڪرڻ ٿرڪول جي رائلٽي ٿرجي عوام تي خرچ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي، اهڙو اظهار ٿر سٽيزن فورم جي چيئرمين اوپايو جوٽيجو، عظمي ابڙينگ، اعجاز بجير، ساجن چارو، جي ايم سونهاراڻي، قربان سميجو ۽ ٻين ڪيو. هنن چيو ته ٿرقدرتي معدني وسيلن سان مالا مال شاهوڪار خطو آهي جيڪو وسيلن جي استعمال سبب ملڪ کي بدلائي روشن ڪري رهيو آهي ان خطي جا رهواسي ڏڪار جي لپيٽ ۾ هجڻ ڪري بي يارو مددگار آهن. هنن چيو ته پيپلزپارٽي سرڪار ۽ ان جا اڳواڻ ٿر جي عوام سان مذاق ڪري رهيا آهن ٿر کي سنڌ حڪومت ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏنو آهي ۽ ڏڪار سبب هر امير توڙي غريب ماڻهو متاثر ٿيو آهي ۽ انهن جو 70 لک کان وڌيڪ چوپايو مال متاثر ٿيو آهي ۽ ماروئڙا ڏڪاري حالتن جي شدت سبب لڏپلاڻ ڪري ويا آهن پر سرڪار اهو ماضي جيان ٿر جي عوام سان مذاق ڪري رهي آهي، هنن چيو ته هڪ اندازي موجب ٿرجا 3 لک 50 هزار خاندان ۽ 70 لک کان وڌيڪ چوپايو مال متاثر ٿيو آهي پر جيڪا نالي ماتر عورتن جي تذليل ڪرڻ لاءِ ڏڪار پئڪيج جاري ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ته ٿر ۽ عمرڪوٽ جي صرف 2 لک 20 هزار خاندان کي ڪاڌ خوراڪ ۽ سهائتا لاءِ ٽن مهينن لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي 8 هزار روپيا ڏنا ويندا جيڪا ڪليل عوام سان مذاق ۽ ڏڪار متاثرين جا سور بيٺا ڪرڻ برابر سمجهون ٿا. هنن چيو ته ڪاري سون جي مالڪن جي رائلٽي جي مد ۾ 70 ارب کان وڌيڪ رقم سنڌ حڪومت جي اڪائونٽ ۾ موجود آهي پراها رقم ٿر تي خرچ نه ٿي ڪئي وڃي، هنن چيو ته ٿر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي بحران سميت ڪاڌ خوراڪ جو مسئلو هر سال پيدا ٿئي ٿو پر سنڌ حڪومت ڏڪار جي مستقل حل لاءِ ڪو پلان تيار نه ڪيو آهي ۽ ڪافي سال پهرين ٺهيل ٿرڏڪار متيگيشن پاليسي ڊرافٽ حڪومت جي آلماري ۾ دز جي ورچڙهيل آهي پر ان کي منظور ڪرائڻ جي زحمت نه ڪئي وئي آهي، هنن چيو ته ٿر ۾ ڏڪار سبب ماروئڙا سخت پريشان حال آهن انڪري سنڌ حڪومت ٿر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏنو آهي ته مذاق ڪرڻ بجاءِ حقيقي بنيادن تي امدادي سرگرميون شروع ڪيون وڃن نه ته ٻئي صورت ۾ ٿر جي عوام سان مرحليوار احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 13

ڪرو خاصخيلي ۽ سندس پٽ منهنجي ڪوهستاني اباڻي زمين تي قبضو ڪرڻ ٿا چاهين جن پاران ڪالهه مون پاران بورجو ڪم ڪرائڻ وقت انهن جي هٿيارٻندن پهچي ڪم بند ڪرائي مونکي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي منهنجي ٻني ۾ بيٺل فصل کي مال کان پيلائي مونکي وڏو نقصان پهچايو آهي، صادق چانگ چيو ته مون ۾ مهينا پهرين جهمپير ٿاڻي تي مذڪور ماڻهن خلاف اين سي پڻ داخل ڪرائي هئي، پر انهن کي سياسي بااثر ماڻهن جي پٺڀرائي حاصل هجڻ ڪري پوليس انهن خلاف ڪاب ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جن سندن رستا پڻ بند ڪري ڪين سخت پريشان ڪيو پيو وڃي، جن ماڻهن کان ڪيس جان جو خطرو آهي، هن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته بااثر ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري ڪيس تحفظ ڏيئي ساڻس انصاف ڪري بند ٿيل رستا بحال ڪرائي سندن زمين تي مبينا قبضو ڪري ڪين موتمار ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي جي گهر ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 14

د ڪيو ويو، جنهن ۾ جماعت اسلامي جي عورتن رڪنن، اميدوارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجتماع دوران نئين چونڊيل ناظمه حلقو خواتين ضلعو عمرڪوٽ عشرت ناز پنهنجي نئين تنظيمي ذميواري جو حلف کنيو ان موقعي تي اڳوڻي ناظمه ضلعو سلميٰ جاويد پنهنجي ٻن سالن جي تنظيمي ڪارڪردگي جي رپورٽ پيش ڪندي پنهنجي ذميواري واري عرصي دوران ڪيل سرگرمين ۽ تنظيمي معاملن جو جائزو پيش ڪيو. تقريب جو مقصد تنظيمي معاملن جو جائزو وٺڻ، اڳوڻي ڪارڪردگي کي سامهون آڻڻ ۽ مستقبل جي حڪمت عملي جي حوالي سان ڪارڪنن کي متحد ۽ متحرڪ ڪرڻ هو. ان موقعي تي نئين چونڊيل ناظمه حلقو خواتين ضلعو عمرڪوٽ عشرت ناز اجتماع کي خطاب ڪندي چيو ته ڪنهن به تحريڪ جي ڪاميابي لاءِ قيادت ۽ ڪارڪنن وچ ۾ گڏيل سهڪار، اعتماد، اخلاص ۽ ٽيم ورڪ بنيادي اهميت رکن ٿا. ڪا به تحريڪ پنهنجي ڪارڪنن جي محنت، جدوجهد ۽ گڏيل ڪوشش کانسواءِ پنهنجا مقصد حاصل نٿي ڪري سگهي. هن چيو ته ڪيس پورو يقين آهي ته تحريڪ اسلامي جي هن عظيم ڪم ۾ سمورا رڪن ۽ ڪارڪن سندس ٻانهن ٻيلي بڻجندا ۽ گڏيل مشاورت، سهڪار ۽ هڪ ٻئي جي اصلاح ذريعي تحريڪ جي ڪم کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. سندس چوڻ هو ته تنظيمي ذميواريون حقيقت ۾ هڪ امانت آهن، جن کي گڏيل اتحاد، نظم ۽ ضبط ۽ اجتماعي جدوجهد ذريعي بهتر نموني نڀائي سگهجي ٿو. عشرت ناز ان عزم جو اظهار ڪيو ته هوءَ سمورن رڪنن ۽ ڪارڪنن کي گڏ کڻي هلندي ۽ عورتن ۾ ديني ۽ فڪري شعور بيدار ڪرڻ، اسلامي تعليمات جو پيغام عام ڪرڻ ۽ تحريڪ اسلامي جي تنظيمي ڪم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پنهنجون

سمورين صلاحيتون استعمال ڪندي. ان موقعي تي اڳوڻي ناظمه ضلعو سلميٰ جاويد جي ٻن سالن جي خدمتن ۽ تنظيمي ڪارڪردگي جو جائزو پڻ پيش ڪيو ويو اجتماع ۾ ناظمه شهر شازيه جاويد سميت حلقو خواتين جماعت اسلامي جي رڪنن، اميدوارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ۽ تنظيمي سرگرمين ۾ پنهنجي دلچسپي جو اظهار ڪيو. اجتماع جي پڇاڙي تي ناظمه شهر شازيه جاويد خصوصي دعا ڪرائي، جنهن ۾ تحريڪ اسلامي جي ڪاميابي، تنظيمي مضبوطي، ڪارڪنن جي اتحاد ۽ ملڪ ۽ قوم جي بهتري لاءِ دعائون گهريون ويون

بقايا عوامي سوچ 15

رن کي مشڪلاتون اچڻ لڳيون. چونڊيل نمائيندن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب جيڪب آباد جي عوامي پيڙهه جي مرڪزي علائقي جاني ديرو چوڪ کان صوفي پهلوان فقير درگاهه تائين روڊ جي سالن کان نه ٺهي سگهيو روڊ جي مرمت نه ٿيڻ ڪري روڊ ۾ ڪڏا پئجي ويا علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڪافي سالن کان روڊ ناهي ٺهيو روڊ جي زبون حالي جي ڪري رستن مٿان ٽريفڪ جام رهڻ معمول بڻيل آهي هنن جو چوڻ هو ته اسڪول جا رڪشا مشڪل سان گذرن ٿا ڪڏهن ڪڏهن اسڪولي ٻارڙن کي رڪشن مان هيٺ لهي روڊ ڪراس ڪرڻو پوي ٿو، بيمار ماڻهن جو گذرڻ نهايت تڪليف وارو آهي، گورهارين عورتن لاءِ هي رستو استعمال ڪرڻ ڪنهن اذيت کان گهٽ ناهي علائقي واسين چونڊيل نمائيندن کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته جاني ديرو چوڪ کان صوفي پهلوان فقير درگاهه تائين روڊ جلد کان جلد ناهيو وڃي ته جيئن راهگير روز جي اذيتن کان بچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 16

تي مبارڪباد ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير صحت شبير احمد قائم خاني، مرڪزي ميڊيڪل ايڊ ڪميٽي جي انچارج شيخ راشد حسين، جوائنٽ انچارج امتياز احمد، مرڪزي ڪميٽي جي ميمبرن مرزا شاڪر بيگ، طارق احمد، قمر احمد ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قرالعين سان گڏ سنڌ گورنمينٽ اسپتال ڪورنگي جي ميڊيڪل ايڊ ڪميٽي جي انچارج آصف افتخار سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي. ان موقعي تي سندس لاءِ نيڪ خواهشن ۽ دعائن جو اظهار پڻ ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 17

ڏجاٽي ڪري ڏک جو اظهار ڪيو گڏجاٽي سيتارام سوٿهڙ جي صدارت ۾ ٿي شرڪت ڪندڙ: سيتا رام سوٿهڙ گووند گل، سنيل ٺهاراڻي، نياز ڪنير، جگتراءِ موتاڻي، رانجهن راٺوڙ، مشتاق قاسماڻي، دولتراءِ موتاڻي، دليپ جئپال، نندلال روهيل، گهمشانداس راساڻي. گڏجاٽي دوران نندلال روهيل چيو ته سريش ڪما هڪ فرض سناش، ۽ سادي مزاج جو ماڻهو هو اهڙا قتل هڪڙي قسم جو ڊپ وارو ماحول پيدا ڪن ٿا انهي قتل ۾ سيني قاتلن کي سخت سزا ڏني وڃي دليپ جئپال چيو ته انهي دردناڪ موت تي ٿر ڏڪارو آهي. وڏيرن وٽ ته ڄڻ غريب انسان ئي ناهي اسان پاڻ جڏهن پنهنجا تيناداسين تڏهن ئي ڪجهه ڪري سگهون ٿا. دولتراءِ موتاڻي چيو ته اهڙي قسم جي دهشتگرد سوچ خلاف اسان کي ٻاهر نڪرڻ پوندو مشتاق قاسماڻي چيو ته اهو موت تاريخ ۾ زنده رهندو جيڪو ظلم جي خلاف جيئرو مثال آهي اسان کي وڻ ٽيڻ بجاءِ چانو تلاش نه ڪرڻ گهرجي اسان جيستائين هڪ ٻئي جو سهارو نه تيناداسين تيسين ائين ئي ماريا ويندا سين انهن شهيدن جي قرباني ضرور رنگ لائيندي گهمشانداس راساڻي چيو ته اسان انهي دهشتگردي واري واقعي جي مذمت ڪيون ٿا اسان کي انهن حڪمرانن تي ڏک آهي جيڪو مقتولن جي چار سال رڙين باوجود فيصلو نه ڪري سگهيا رانجهن راٺوڙ چيو ته هن ڏک جي گهڙي ۾ سريش ڪمار جي پريوار سان برابر جا شريڪ آهيون قاتلن کي سزا ڏني وڃي اسان کي ڪيس جي پوئواري ڪرڻ لاءِ سيني کي همٿائڻ گهرجي انهن دردناڪ واقعي تي هڪڙي وائي ۽ هڪڙو آزاد نظم پڙهيو جگتراءِ موتاڻي چيو ته سريش ڪمار نهايت ئي نفيس ماڻهو هو ظالمن ڪيس قتل ڪري وڏو ظلم ڪيو آهي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا سنيل ٺهاراڻي چيو ته سريش ڪمار ۽ سندس پٽ جي قتل تي سڄو ٿر ڏڪارو آهي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا گووند گل چيو ته انهن معصومن تي قاتلاڻو حملو ڪري بيدردي سان قتل ڪرڻ جي سنڌي ادبي سنگت شاخ چيلهار مذمت ڪجي ٿي صدارت ۾ سيتارام سوٿهڙ چيو ته آئون سڀ ڪجي سيني ساٿين جي ڳالهين سان سهمت آهيان مون وٽ اهڙا لفظ ناهن جو انهي تي ڳالهائي سگهان اڄ ٿر بيچين ۽ ڏڪارو آهي انصاف جي انتظار ۾ آهي اسين پر امن ماڻهو آهيون هاڻي اسان کي پنهنجو معاشرو سڌارڻو پوندو

بقايا عوامي سوچ 18

ڊمپر هيٺان اچي 8 ورهين جو فراز ولد عمران شيخ سخت زخمي ٿي پيو ۽ زخمن جا سور نه سهندي واقعي واري هنڌ ئي دم ڏئي ڇڏيو حادثي جي خبر علائقي ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي جنهن بعد وڏي انگ ۾ علائقي واسي واقعي واري هنڌ پهچي ويا جڏهن ته ٻارڙي جي فوت ٿيڻ واري خبر ٻڌندي ئي سندس گهر ۾ ماتم مچي ويو واقعي جي اطلاع تي پٽڻي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڊمپر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو پوليس فوتي ٻارڙي جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جتان قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو معصوم فراز جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ قيامت برپا ٿي وئي معصوم پٽ جو بيجان لاش ڏسي ماءُ صدمي ۾ بيهوش ٿي وئي جنهن کي گهر ڀاتين سنڀالي ورتو هوڏانهن واقعي ڪانپوءِ سوڳوار وارثن ۽ علائقي واسين پاران لنڪ روڊ تي ڳري گاڏين جي تيز رفتاري ۽ انتظامي بي ڌياني خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي وارثن جو چوڻ هو ته آبادي

واري علائقي مان ڳري گاڏين جي گذرڻ ۽ ڊمپر ڊرائيورن جي تيز رفتاري بابت ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين ۽ ڊرائيورن کي آگاهه ڪيو ويو پر ان باوجود ڪو به اثرائتو قدم نه کنيو ويو جنهن سبب اڄ هڪ معصوم ٻارڙي جي حياتي ضايع ٿي وئي سوڳوار وارثن چيو ته آبادي واري علائقي مان تيز رفتار ڊمپرن ۽ ٻين ڳري گاڏين جي گذرڻ سبب هر وقت انساني جانين کي خطرو رهي ٿو پر انتظاميا طرفان اهڙين گاڏين جي رفتار کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ ڪي به اثرائتا اپاءُ نه ورتا ويا آهن وارثن ۽ علائقي واسين اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته اڏي ٽڪري لنڪ روڊ تي ڳري گاڏين جي آمدرفت ۽ خاص طور ڊمپرن جي تيز رفتاريءَ کي روڪڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن لاپرواهيءَ جي ذميوار ڊرائيورن ۽ لاڳاپيل گاڏين جي مالڪن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ افسوسناڪ حادثي جو نوٽيس وٺي متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 19

ڪرو زمين تي پيل هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي جنهن سبب ريلوي ٽريڪ تان گذرندڙ مسافر ٽرينن جي محفوظ آمدرفت بابت خدشا پيدا ٿي ويا آهن واقعي واري هنڌ تي ريلوي لائين جو ٽڪرو زمين تي پيل هجڻ باوجود لاڳاپيل اختيارين پاران ان معاملي تي ڌيان نه ڏيڻ سبب ڪنهن به وقت اڻٽڻندڙ حادثو پيش اچڻ جو انديشو ظاهر ڪيو پيو وڃي مليل ڄاڻ موجب مراد شاهه قاتڪ ويجهو 480 ڪلوميٽر ڊائون ٽريڪ جي پرسان ريلوي لائين جو ٽڪرو پيل آهي جيڪو ٽريڪ جي سار سنڀال ۽ حفاظتي انتظامن بابت ڪيترائي سوال اٿاري رهيو آهي ريلوي لائين جهڙي حساس هنڌ تي اهڙي قسم جي صورتحال مسافرن، علائقي واسين ۽ ريلوي ٽريڪ پرسان گذرندڙ ماڻهن لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻيل آهي شهرين ۽ مسافرن جو چوڻ آهي ته ريلوي ٽريڪ تي هلندڙ ٽرينن ۾ روزانو وڏي انگ ۾ مسافر سفر ڪن ٿا تنهنڪري ريلوي جي ڪنهن به حصي ۾ لاپرواهي يا حفاظتي انتظامن جي ڪوتاهي کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي هنن خدشو ظاهر ڪيو آهي ته جيڪڏهن زمين تي پيل ريلوي لائين جي ٽڪري ۽ ان جي پرپاسي واري ٽريڪ جو بروقت معائنو نه ڪيو ويو ته مستقبل ۾ ڪو اڻٽڻندڙ واقعو پيش اچي سگهي ٿو شهرين ريلوي جي ڊويزنل ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مراد شاهه قاتڪ وٽ پيش آيل صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي لاڳاپيل انجنيئرنگ عملي کي واقعي واري هنڌ اماڻيو وڃي ڊائون ٽريڪ جو تفصيلي معائنو ڪرايو وڃي ۽ پيل ريلوي لائين جي ٽڪري بابت حقيقتون معلوم ڪري ضروري مرمتي توڙي حفاظتي قدم کنيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 20

الرحمان سان يڪجهتي جو اظهار، سنڌ دشمن مهم جي مذمت سنڌ جي ورهاڱي خلاف جمعيت علماءِ اسلام پاران مرڪزي اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو جي سڏ تي اڄ 22 نومبر 2026ع تي ٺٽي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا مسجد خضر حيات کان روانو ٿي ٺٽي پريس ڪلب پهتي، جتي عظيم الشان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي جمعيت علماءِ اسلام جي ضلعي امير مولانا عبدالوهاب بلوچ جي قيادت ۾ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي. ياد رهي ته ان کان اڳ جمعيت علماءِ اسلام ضلعي ٺٽي جي مجلس عامله جو اهم اجلاس جامع دارالفيض بنوريه ۾ ضلعي امير مولانا عبدالوهاب بلوچ جي صدارت هيٺ ٿيو هو. جنهن ۾ صوبائي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي ۽ مرڪزي اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو جي سڏ تي احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو ڪيو ويو هو. اجلاس ۾ مولانا فضل الرحمان سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي سنڌ خلاف سوشل ميڊيا تي هلندڙ مهم جي مذمت ڪئي وئي هئي. اڳواڻن چيو ته سنڌ جي وحدت، بقا ۽ حقن خلاف ڪنهن به مهم کي قبول نه ڪيو ويندو. سنڌ جي ورهاڱي جي ڪنهن به ڪوشش خلاف جدوجهد جاري رکي ويندي

بقايا عوامي سوچ 21

ن موقعي تي روٽري ڪلب آف ڪراچي ۽ مڪلي جي صدرن ميجر پرويز ملڪ، امير حمزو ميمڻ، اسسٽينٽ گورنر محمد مشهود نواحمد پٽو ۽ فيصل ستار ڪونيائي، حافظ رشيد ميمڻ، ڊاڪٽر خالد پليجو ۽ ٻين چيو ته روٽري ڪلب گڏريل ڪيتري سالن کان ٺٽي جي مختلف علائقن ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهن جو نه صرف علاج پر نئون گهرن جي تعمير سميت ٻيون خدمتون انجام ڏيندي پئي اچي، ٺٽي ۾ غربت انتهائي گهڻي آهي، ان ڪري عام ماڻهون هڪ ويلو به وڏي مشڪل سان ڪمائي ٿو، روٽري ڪلب پنهنجي محدود وسيلن ذريعي ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي ته جيئن هتي اچي پنهنجو مفت علاج ڪرائي سگهن

بقايا عوامي سوچ 22

يت، اتحاد ۽ عوامي خدمت واري سياست ڪئي آهي. پير سائين شاهه مردان شاهه جي 98هين سالگرهه جي تقريب دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي مبارڪ علي مهر چيو ته تقريب ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري سميت پارٽي جي سمورن عهديدارن ۽ ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي، جيڪا ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پارٽي ميرپورخاص ۾ متحد ۽ منظم آهي. هن وڌيڪ چيو ته انشاءَالله پير سائين جي قيادت ۽ فڪر هيٺ سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي ۽ ميرپورخاص ۾ پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو. ان موقعي تي پارٽي جا ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 23

رٽي انتظامن جون تياريون آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويون آهن. چونڊ ميدان ۾ پيپلزپارٽي، آزاد ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جا مجموعي طور 3 اميدوار ميدان ۾ لٿل آهن. جنهن سبب علائقي ۾ چونڊ سرگرميون تيز ٿي ويون آهن. چونڊ عمل کي پرامن ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ مجموعي طور 12 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون

ويون آهن. جڏهن ته امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ پوليس کاتي پاران 381 اهلڪارن تي ٻڌل سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي. سيڪيورٽي انتظامن تحت 4 ڊي ايس پيز، 14 ايس ايچ اوز، 32 سب انسپيڪٽرز، 46 هيڊ ڪانسٽيبلز ۽ 246 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. جڏهن ته 12 پولنگ اسٽيشنن مان 4 کي حساس قرار ڏنو ويو آهي. چيئرمين جي خالي ٿيل سيٽ تي ٿيندڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي پاران امتياز جهجهو، آزاد اميدوار طور يامين راجپوت، جڏهن ته پاڪستان تحريڪ انصاف پاران ايڊووڪيٽ گلزار خاصخيلي چونڊ ميدان ۾ موجود آهن. ٽنهي اميدوارن پاران پنهنجي پنهنجي ڪاميابي لاءِ چونڊ سرگرميون جاري رکيون ويون آهن. جڏهن ته يوسي 29 جي ووٽرن لاءِ اڄوڪي ڏينهن اهميت اختيار ڪري ويو آهي. ووٽر پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪري چيئرمين جي چونڊ ڪندا. هوڏانهن انتظاميا ۽ پوليس پاران پولنگ دوران امن امان برقرار رکڻ، ڪنهن به اڻٽڻندڙ صورتحال کان بچڻ ۽ ووٽرن کي پرامن ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن. هاڻي سيني جون نظرون اڄ ٿيندڙ چونڊ عمل ۽ ان جي نتيجن تي ڪتل آهن.

بقايا عوامي سوچ 24

تر ڊاڪٽر راحيلا گل مگسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ مهينو گذري وڃڻ باوجود نوجوان جي قتل ۾ شامل جوابدارن کي پوليس گرفتار ناهي ڪيو وارثن طرفان قتل جي ايف آئي آر پڻ داخل ڪرائي هئي ۽ ملوث ماڻهن جا نالا پڻ ايف آئي آر ۾ نامزد آهن وارث مسلسل ٿاڻن جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن پر پوليس وارثن سان ڪنهن قسم جو تعاون نه پئي ڪري هن چيو ته آئي جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد فوري طور تي نوجوان جي قتل جو نوٽيس وٺن ۽ مقامي پوليس کان جلد انڪوائري ڪرائين نامزد جوابدار گرفتار نه ٿيڻ پوليس جي نااهلي جو چٽو ثبوت آهي اسين وارثن سان هر مهل تي گڏ آهيون ۽ سندن هر ممڪن مدد ڪنداسين هن وڌيڪ چيو ته ساڏا ٽي سال عوام جو رت چوسيندڙ اهڙيون ڳالهايون ڪن پيا جنهن تي افسوس ٿئي ٿو 18 سال اقتدار ۾ رهي هنن صرف عوام جو رت پيتو آهي هيو ڪجهه به ناهي ڪيو جيڪو جهڙو پوڪيندو اهو اهڙوئي لوڻيندو هاڻ عوام ۾ شعور اچي ويو آهي عوام کي گهرجي ته پنهنجا نمائيندا سوچي سمجهي چونڊين جيئن ملڪ ۽ قوم ترقي ڪري سگهي ان موقعي تي عبدالحميد ڪشميري ، طلحه ڪشميري . حسنين ڪشميري . وقار حميد ميمڻ ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 25

مولانا فضل الرحمان خلاف جاري ڪردار ڪشي جي مهم، ملڪ کي ورهائڻ جي سازشن ۽ ديني مدرسن خلاف قدمن تي سخت احتجاج ڪيو ويو. مظاهرين خطاب ڪندي چيو ته ديني مدرسن جو تحفظ، آئين ۽ جمهوريت جي بالادستي، سنڌ جي اتحاد ۽ يڪجهتي لاءِ جمعيت علماءِ اسلام پنهنجي جدوجهد جاري رکندي. هنن مطالبو ڪيو ته قائد جمعيت خلاف ڪردار ڪشي جو سلسلو بند ڪيو وڃي، ديني مدرسن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي ۽ ملڪ کي ورهائڻ جي ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 26

ٽ سالياني هاءِ اچيور ايوارڊز 2026ع جي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ تعليمي ميدان ۾ نمايان ڪاميابيون ماڻيندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي ڪندي ڪين نقد انعامن ۽ تحفن سان نوازيو ويو. تقريب ۾ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر دين محمد ڊيرو، ايڊيشنل ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيول داس، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري سيد عمران شاهه، ٽي اي او ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري (ميل) عبدالفتاح جوڻيجو، ٽي اي او ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري (في ميل) نشا راهب، ٽي اي او پرائمري (في ميل) شبانه ميمڻ، اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر نثار احمد چنا، ڊائريڪٽر يوٿ افيئرز سينٽر بدين عبدالرزاق خاصخيلي، پرنسپال گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول بدين عظميٰ جاکرو، پرنسپال گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ايگرو ول ڪالوني ڪبرا، ريجنل مئنيجر ايڇ ايڇ آر ڊي لوئر سنڌ علي محمد پناڻ، ريجنل ايجوڪيشن آفيسر سلمان خالد، پروجيڪٽ ليڊ بدين وحيد احمد ۽ پروجيڪٽ آفيسر بدين خورشيد احمد سميت ٻين معزز شخصيتن، استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي. تقريب جو خاص پهلو ميٽرڪ بورڊ جي امتحانن ۾ اي ون ۽ اي گريڊ حاصل ڪندڙ بدين ڪلسٽر جي 22 هوشيار شاگردن ۾ نقد انعامن جي ورهاست هئي. ان کان علاوه سڄي سال دوران تعليمي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ۽ مختلف مقابلن ۾ ڪاميابيون ماڻيندڙ شاگردن کي پڻ انعام ڏنا ويا. ان موقعي تي بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ هڪ هوشيار شاگرديائي کي همٿ افزائي طور سائيڪل جو تحفو ڏنو ويو. جڏهن ته آن لائن بڪ ڪوئز مقابلي "شائننگ اسٽارز" ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ شاگرد کي 7 هزار رپيا نقد انعام ڏنو ويو. تقريب کي خطاب ڪندي مهمانن چيو ته نوجوان نسل ملڪ ۽ قوم جو مستقبل آهي. سندن تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هنن چيو ته محنت، لگن، خود اعتمادي ۽ مسلسل سکڻ جو جذبو ئي ڪاميابي جو بنياد آهي. شاگردن کي گهرجي ته پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪندي تعليمي ميدان ۾ وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪن. مقررن هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاران هوشيار شاگردن جي همٿ افزائي ۽ تعليمي سرگرمين جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيندي ان کي قابلِ تعريف قدم قرار ڏنو. تقريب جو مقصد شاگردن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪرڻ، سندن حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ بهتر مستقبل لاءِ اڳتي وڌڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ هو.

بقايا عوامي سوچ 27

يرپورخاص پاران ڊي ايس پي مٺي اظهر علي سمون جي سربراهي ۾ گڏيل پوليس جاچ ٽيم قائم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. جاچ ٽيم ۾ ايس ايچ او ڇيلهار عبدالرزاق ٻنهڙو، ايس ايچ او مٺي [illegible] ۽ آءِ ٽي انچارج نياز ڏاٽي کي شامل ڪيو ويو آهي. جي آءِ جي ميرپورخاص پاران گڏيل جاچ ٽيم کي ڇيلهار واقعي جي شفاف، غيرجانبدار ۽ مڪمل جاچ ڪري واقعي جا اصل حقيقتون سامهون آڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ڇيلهار واقعي جي جاچ لاءِ گڏيل ٽيم جي قيام کي ڪيس جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 28

ه زرعي پاڻ جون وڏيل قيمتون گهٽائي پاڻ جي بليڪ تي وڪري جو سلسلو بند ڪيو وڃي هن مطالبو ڪيو ته شگر ملون فوري طور تي هلايون وڃن ۽ ڪمند جو اگهه 1000 رپيا في مڻ مقرر ڪيو وڃي، جڏهن ته نوابشاهه جي چوٽڪو مائينر ۽ جام لغاري مائينر جي پڇڙي تائين پاڻي پهچائي آبادگارن سان ٿيندڙ ناانصافيون ختم ڪري آبادگارن جا جائز مسئلا فوري طور حل ڪري ڪين رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 29

علماء اسلام ضلعي ٽنڊو محمد خان پاران قائد ملت اسلاميه مولانا فضل الرحمان جي مبينا ڪردار ڪشي، ڪراچي ڪانٽس سيڪيورٽي واپس وٺڻ، سندس ساٿين کي ٻڌايل گرفتار ڪرڻ ۽ سنڌ جي امڪاني ورهاڱي توڙي نوان صوبا ناهڻ واري عمل خلاف ٽيو سبزي منڊي بدين سجاول چوڪ کان پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان تائين احتجاجي پيادل مارچ ڪيو ويو. ريلي جي اڳواڻي ۽ جمعيت علماء اسلام جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ حامين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاجي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي، جتي اڳواڻن خطاب ڪندي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي جمعيت علماء اسلام ضلعي جي امير مولانا مفتي محمد ابراهيم، مولانا محمد رمضان مغيري، مولانا عبدالباسط نظاماڻي، مولانا يونس، مولانا منظور شاهه، مولانا شير محمد رند ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته مولانا فضل الرحمان جي سياسي ۽ مذهبي ڪردار کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. هنن چيو ته قائد ملت اسلاميه مولانا فضل الرحمان کان سيڪيورٽي واپس وٺڻ ۽ سندس ساٿين کي مبينا طور ناجائز گرفتار ڪرڻ وارو عمل افسوسناڪ آهي. اهڙن قدمن سان سياسي ۽ جمهوري ماحول کي نقصان پهچندو. اڳواڻن چيو ته سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جو وار برداشت نه ڪيو ويندو سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي سنڌ جي ورهاڱي ۽ نوان صوبا ناهڻ واري ڪنهن به سازش کي سنڌ جو عوام مڪمل طور رد ڪري چڪو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته جمعيت علماء اسلام جا ڪارڪن ۽ سنڌ جي وحدت ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندا رهندا هنن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۽ قانون سان لاءِ هڪجهڙو هجڻ گهرجي. ڪنهن به سياسي يا مذهبي جماعت سان ٻٽو معيار اختيار ڪرڻ ۽ هڪ ئي ڪري نشانو بڻائڻ وارو رويو قبول نه ڪيو ويندو. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته مولانا فضل الرحمان ۽ سندس ساٿين سان ٿيندڙ مبينا ناانصافين جو تدارڪ ڪيو وڃي، گرفتار ساٿين کي آزاد ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قسم جي سازش کان پاسو ڪيو وڃي. احتجاجي ريلي جي پڇاڙي تي اڳواڻن جي تحفظ، ملڪ ۽ جمهوري حقن جي تحفظ جاري رکڻ جو عزم ورجايو

بقايا عوامي سوچ 30

اتي ٻاب خاص معاون محمد سليم بلوچ چيو آهي ته ٿرپارڪر جي عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. ٺٽون ڪوٽ وٽان 36 انچن جي نئين پائيپ لائين وڇائي ويندي، اسلام ڪوٽ، نگرپارڪر ۽ ٻين علائقن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ نئين رٿ تي غور ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته ٿرپارڪر ۾ موجود 832 آر او پلانٽن مان هن وقت 50 سيڪڙو فعال آهن. باقي پلانٽن کي به جلد هلائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن هو ڊي سي آفيس مٺي ۾ ڪاني جي عملدارن سان گڏجاڻي بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ... سندس ٿيون دورو آهي. جنهن جو مقصد عوامي مسئلن تي ... فراهم ڪرڻ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي مسئلي کي حل ڪرڻ آهي. هن چيو ته ... وڏائڻ شاخ مان وڌيڪ پاڻي کڻڻ ۽ ... ڪري لاڳاپيل معاملن کي حل ڪرڻ جي ... ڪان اسلام ڪوٽ ۽ پوءِ نگرپارڪر تائين پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو. آر او پلانٽن بابت ڳالهائيندي خاص معاون محمد سليم بلوچ چيو ته مصري شاهه ۽ اسلام ڪوٽ جي آر او پلانٽن کان هڪ مهيني اندر مڪمل پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي. جڏهن ته سمورن آر او پلانٽن کي سولرائيز ڪري ڪميونٽي بيسڊ تنظيمن حوالي ڪيو ويندو، ته جيئن مقامي ماڻهو انهن پلانٽن جي سار سنڀال ۽ انتظام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن. هن چيو ته هي ٽرانسفر (Build, Operate and Transfer) بنيادن تي هلائڻ جو منصوبو آهي. جنهن تحت جيڪو ادارو ڪنهن گوٺ ۾ رٽا تيار

ڪندو، اهو ٻن سالن بعد رٽا گوٺاڻن جي حوالي ڪندو. ته جيئن مقامي ماڻهو رٽا جي مالڪي ڪن ۽ ان مان مستفيد ٿين. ٿرپارڪر ۾ ڏڪار جي صورتحال بابت ڳالهائيندي هن چيو ته گهٽ برسات سبب حڪومت ٿرپارڪر کي ڏڪار ستيل ضلعو قرار ڏئي مالي امداد جو اعلان ڪيو آهي. جيڪا جيتوڻيڪ ڪافي ناهي. پر ان سان ڏڪار متاثر ماڻهن کي ڪجهه سهارو ضرور ملندو هن چيو ته ڏڪار سبب پيٽ جي پاڻي جي گهرج وڌي وئي آهي. تنهنڪري ڪاني جو سمورو ڌيان عوام کي پاڻي جي فراهمي تي آهي ان کان اڳ ڊي سي آفيس مٺي جي ڪميٽي روم ۾ ٿيل گڏجاڻي ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ اينڊ رورل ڊولپمينٽ ڪاني جي سيڪريٽري سهيل احمد راجپوت، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي، چيف انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ سڪندر علي ميمڻ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون هاشم مسعود، ٽائون ڪميٽي مٺي جي چيئرمين ڊاڪٽر منوج ڪمار ملاڻي، ايگزيڪيوٽو انجنيئر علي رضا سهڙ،

بقايا عوامي سوچ 31

۽ سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ نوجوانن جي اهم گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ متيازي ضلعي اندر وڌندڙ ڪينسر جي بيماري جي روڪٿام لاءِ گڏيل طور تي ڪوشش ڪرڻ ۽ قيمتي انساني جانين کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سماجي شخصيت سلمان علي لغاري جي اڳواڻي ۾ نوجوانن طرفان مشترڪ طور تي هي فيصلو ڪيو ويو ته ڪينسر جي بيماري کان بچاءُ لاءِ پهرين مرحلي ۾ عوامي آگاهي مهم شروع ڪئي ويندي ۽ ان سان گڏوگڏ ڪينسر جي مريضن جي ڊيٽا گڏ ڪري هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ سياسي ۽ سماجي ادارن ۽ شخصيتن جي مدد سان ڪينسر جي مريضن جي علاج لاءِ ڪوششون پڻ ورتيون وينديون.

بقايا عوامي سوچ 32

۽ رهواسين ناري نوشاد خاتون ولد وزير علي چنڊ پاران گڏيل ڏينهن گهران نڪري گمبٽ جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو جنهن کان بعد ناري نوشاد خاتون ۽ سندس مڙس اعجاز چنڊ سٺي پريس ڪلب سڳهن پهچي تحفظ ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي ان موقعي تي ناري نوشاد چيو ته اعجاز سان پسند جو پرڻو ڪئي آهي ان ڪري منهنجا ماما لياقت چنڊ، ماسات قطب چنڊ، سجاد چنڊ ٻيا مائٽ سهراب چنڊ صدورو چنڊ، اڪبر ولدگلن چنڊ عباس چنڊ روشن ۽ ٻيا مونکي ۽ منهنجي مڙس کي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. انهن مان اسان جي جان کي خطرو آهي هتي جي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور ايس ايچ او سوير ديرو کان تحفظ ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 33

شيدي گوٺ ۾ گٽرن جو نظام مڪمل طور تي ناڪاره ٿي چڪو آهي، جنهن سبب علائقي جا رهواسي سخت پريشاني ۽ تڪليف جو شڪار آهن [illegible] 2002ع ۾ وڇايل گٽرن جون لائينون [illegible] 2002ع جي پراڻي ۽ ناڪاره سيوريج نظام کي تبديل ڪري نئين پائپ لائين [illegible] ٿي مجبور ٿيندا.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

سومر 23 نومبر 2026 ع بمطابق 12 جمادي الثاني 1448هه

انصاف جي منتظر چيلي چارڻ جي ڌرتي ۽

ليکڪ پريم ڪمار جي لکڻي

جڏهن 19 نومبر جي اياڳي شام جا پاڇا چيلي چارڻ جي نگري تي پيا پکي ولر ڪري پنهنجن آکيرن ڏينهن لڙي رهيا هئا ماڻهون پنهنجن ماڳن طرف وڃي رهيا هئا ان مهل ڪنهن ويري جي بندوق جا فائر ٻڌڻ ۾ آيا ۽ چيلي چارڻ جي پر امن ڌرتي سريش ڪمار ۽ سندس پٽ ڪوندر لو ڪمار جي رت ۾ رنگي وئي هر طرف خوف ڇانئجي ويو خوف جا ڪارا بادل بارود جي بدبو آسمان تي گردش ڪرڻ لڳي هر انڪ ۾ سمنڊ جيئان ڏک جا آنسون وهڻ لڳا اج اها چيلي چارڻ جي نگري انصاف جا رستا ڏسي رهي آهي سڄي ٿرپارڪر ۾ انسانن جا انصاف لاءِ سمنڊ اٿلي پيا هر روڊ رستو ٻه ڏينهن سنسان نظر آيو بستي واهڻ ۾ هڪ ئي سدا هئي اسان سان انصاف ڪريو اسان سان انصاف ڪريو يادگري

جهڙي طرح پيءُ پٽ جي پيار محبت پريم پاونا سان پريل تصوير ۾ جوڙي نظر اچي پئي اها امرجيون ليلان آهي پيءُ پٽ جو جيترو پاڻ ۾ پيار محبت هجت هو اهڙي طرح امرتا جو ڏک ٻه گڏجي پيتو سريش ڪمار ۽ لو ڪمار جي جيون ڪٿا هڪ وڏي درديلي آهي اج درد ڪٿا ان پوڙي سريش جي ماتا جيجل ڪان پڇو جنهن ڏکن سورن جي پري مٽي تي ڪٽي ٻچن جي پالن پوسن پروس ڪئي اج جنهن جو ويهڙو ويران ٿي ويو ٻه ڪوندر ڪسجي ويا اج درد

ڪٿا ان ماتا امڙ ڪان پڇو جنهن رت جا ڳوڙها لاڙيندي آلين اکين سان ٻه ڪوندر مٽي ماءُ حوالي ڪيا آٽت ڏيڻ لاءِ هزارين انسان تڏي تي آيا پر هن ڪي ويهڙا ويران ٿا لڳن درد ڪٿا ان ماتا امڙ ڪان پڇو جنهن ٻچن جي موت جو ٻڌڻ سرت ٻه ڏينهن حوش ۾ نه آئي درد ڪٿا ان ماتا امڙ ڪان پڇو جنهنجو پيءُ ٻچپن ۾ پرلوڪ پڌاريا ڪيئن هن ناز نوڙت ۾ پاليا درد ڪٿا هن ماتا ڪان پڇو جنهنجو ٻچو موڙ ٻڌڻ جهڙي وقت تي بيدردي سان قتل ڪيو

ويو بحرحال جڏهن سريش ڪمار شام ويلي گهر پهتو تڏهن ٻچڙن جي ماتا ڪان پڇيو ڇوڪرا ڪيڏانهن ويا تڏهن گهر وارن ڪان ورندي ملي گهر ۾ موجود نه آهن ۽ فائرنگ جو آواز ٻه آيو آهي سريش ڪمار ڊوڙندو ڊوڙندو اتي پهتو جتي پنهنجو ٻچو خون ۾ لٿپت ٿيل هو وڃي پارڪر پائي مٽي پي ڪنيو جيسين پويان ويري پاڪر وڃهي دسي پيٺ تي گوڏا ڏئي سڌا فائر ڪري پيءُ پٽ ڪي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو جهڙي جوڙي فوٽو ۾ نظر اچي پئي اها جوڙي امر آهي ۽ امر رهندي اچو

سورن وارين ڪريون سور پچار ڪنهنڪي
گهٽا ڪنهنڪي ٽورا ڏنا مڙيهي ڏاتار سي
مون جهولي پائي جهليا

جب تڪ چاند رهيگا سورج رهيگا دنيا مين
سريش ڪمار لو ڪمار تير نام زنده رهيگا ۾

سنڌ جي وحدت، احتجاج ۽ جمهوري حق

سنڌ جي وحدت، صوبائي خودمختياري ۽ سنڌ جي سياسي مستقبل بابت بحث هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي ميدان ۾ تيزيءَ رهيو آهي. سنڌ ۾ نون انتظامي يونٽن يا صوبن جي بحث، سنڌ جي ورهاڱي بابت خدشن ۽ مختلف سياسي بيانن جي پسمنظر ۾ قومپرست سياسي ڌرين پاران احتجاجي سرگرمين ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. اڄ ڪراچي ۾ جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي پاران وحدت سنڌ مارچ جو اعلان ان سياسي بحث کي عوامي سطح تي اجاگر ڪرڻ جي هڪ اهم ڪوشش آهي، جنهن لاءِ سموري سنڌ جي عوام کي شرڪت جي اپيل ڪئي وئي آهي. مارچ کان اڳ ڪراچي ۾ عوامي رابطا مهم تيز ڪئي وئي آهي ۽ رياض چانديو، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، نواز خان زنئور، شبير جمالي، عبدالفتاح چنو ۽ ٻين اڳواڻن پاران مختلف علائقن ۾ دورا ڪري ماڻهن کي مارچ ۾ شرڪت لاءِ متحرڪ ڪيو پيو وڃي. سنڌ حڪومت جي ڪميٽي پاران قومپرست اڳواڻن سان ملاقاتن جو سلسلو پڻ ان سياسي صورتحال جو حصو بڻيو آهي. هڪ ڏينهن اڳ حڪومتي ڪميٽي اڳواڻن جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي، جڏهن ته اڄ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي سان پڻ ملاقات ڪئي وئي. ٻنهي ڌرين طرفان ڪراچي ۾ اعلانيل 22 نومبر تي وحدت سنڌ مارچ ۽ 29 نومبر تي سنڌ منهنجي امان ريلي کي پرامن طريقي سان جاري رکندي احتجاجي ريلين ملتوي ڪرڻ کان جواب ڏيندي ريلين مقرر ڏينهن تي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو ۽ خاطري ڪرائي ته اسان پرامن احتجاج ڪنداسين حڪومت پنهنجا اپاءُ وٺي جنهن مان ظاهري ٿو ته سنڌ جي سياسي مسئلن تي اختلافن باوجود احتجاج ۽ سياسي اظهار جي حق کي هڪ جمهوري رستي طور استعمال ڪرڻ جي ڳالهه سامهون اچي رهي آهي. پرخبرون اچن پيون ته اڄوڪي ڪراچي ۾ وحدت سنڌ مارچ کان اڳ اسلم خيرپوري ۽ ٻين جي گرفتاري ڪئي وئي آهي جيڪا صورتحال حيرت زده آهي

جي وحدت بابت سياسي حساسيت ڪا نئين ڳالهه ناهي، پر جڏهن صوبن جي ٻيهر جوڙجڪ، نون انتظامي يونٽن يا سنڌ جي جغرافيائي ۽ سياسي سڃاڻپ بابت بيان سامهون اچن ٿا ته سنڌ اندر خدشا ۽ ردعمل پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. اهڙن معاملن ۾ سياسي قيادت، حڪومت ۽ وفاقي ادارن جي ذميواري آهي ته عوام جي خدشن کي نظرانداز ڪرڻ بدران آئيني، جمهوري ۽ سياسي طريقن سان انهن جو جواب ڏين. سنڌ جي وحدت بابت عوامي موقف کي احتجاج، جلسن، ريلين، سياسي بحث ۽ آئيني فورمن ذريعي پيش ڪرڻ هر سياسي ڌر ۽ شهري جو جمهوري حق آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ طاقت يا پابندين سان دٻائڻ بدران احترام ڏيڻ گهرجي.

هڪ پاسي سنڌ حڪومت پاران قومپرست اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري احتجاجي ريلين جي حوالي سان ڳالهين جو رستو اختيار ڪرڻ هڪ مثبت سياسي قدم سمجهي سگهجي ٿو، پر ٻئي پاسي حيدرآباد مان قومپرست ڪارڪنن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ جسقم آريسر جي اڳواڻ اسلم خيرپوري جي گم ٿيڻ بابت سامهون آيل الزام انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن. جيڪڏهن ڪنهن سياسي ڪارڪن کي قانوني عمل کانسواءِ حراست ۾ رکيو ويو آهي يا سندس خاندان ۽ ساٿي بي خبر آهن ته لاڳاپيل ادارن ۽ حڪومت کي فوري طور وضاحت ڏيڻ، سندس موجودگي ظاهر ڪرڻ ۽ قانون موجب تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي. رياض چانديو، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، نواز خان زنئور ۽ ٻين اڳواڻن پاران اسلم خيرپوري جي آزادي لاءِ مطالبو ۽ ٻي صورت ۾ سنڌ جا رستا بند ڪرڻ واري اعلان ڪيو ويو آهي سنڌ حڪومت کي ٻه سياسي چڪتاڻ وڌائڻ بدران پرامن احتجاج ڪرڻ ڏنو وڃي احتجاج جي حق سان گڏ عوام جي روزمره زندگي، آمدرفت ۽ ٻين شهرين جي حقن جو تحفظ پڻ اهم آهي.

سنڌ حڪومت لاءِ به ضروري آهي ته پرامن احتجاجن بابت پنهنجي پاليسي ۾ واضح، شفاف ۽ هڪجهڙو معيار اختيار ڪري. جيڪڏهن حڪومت احتجاج کي جمهوري عمل قرار ڏئي ٿي ته پوءِ ان جي عملي پاليسي ۾ به اهو اصول نظر اچڻ گهرجي. احتجاج ڪندڙن کي اجازت ڏيڻ يا روڪڻ بابت فيصلن ۾ سياسي وابستگي، جماعت يا موقف جي بنياد تي فرق نه ٿيڻ گهرجي. پرامن ريليون، مارچ ۽ سياسي اجتماع جمهوريت جو حصو آهن. جڏهن ته انهن کي روڪڻ، ڪارڪنن کي خوفزده ڪرڻ يا بنا جواز گرفتارين جي صورتحال پيدا ڪرڻ سان سياسي بي اعتمادي وڌي سگهي ٿي. حڪومت ۽ احتجاج ڪندڙ ڌرين ٻنهي کي ڳالهين، قانون ۽ جمهوري اصولن کي اوليت ڏيڻ گهرجي.

اڄ ڪراچي ۾ وحدت سنڌ مارچ رڳو هڪ سياسي جماعت جي سرگرمي نه، پر سنڌ جي وحدت بابت سياسي بحث، عوامي خدشن ۽ جمهوري اظهار جي حق کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو پڻ آهي. مارچ ۾ شرڪت ڪندڙ ڌرين لاءِ ضروري آهي ته پنهنجو موقف واضح، پرامن ۽ ذميواري سان پيش ڪن، جڏهن ته حڪومت لاءِ به اهو امتحان آهي ته احتجاج کي امن امان جي مسئلي طور ڏسڻ بدران سياسي اظهار جي حق طور قبول ڪري. سنڌ جي وحدت، صوبائي حقن ۽ سياسي مستقبل بابت ڪنهن به بحث جو حل طاقت، پابندين يا سياسي دشمني ۾ نه، پر عوامي اعتماد، آئيني ضمانتن، جمهوري گفتگو ۽ شفاف سياسي عمل ۾ آهي. سنڌ جي سياسي آواز کي ٻڌڻ، اختلافن کي برداشت ڪرڻ ۽ پرامن احتجاج جي رستا روڪ نه ڪرڻ ئي جمهوري معاشري جي مضبوط ٿيڻ جو بنياد بڻجي سگهي ٿو.

وقت ناهي ويهڻ جو

خيال ڪتري

هن وقت ڌرتي دشمنن جي ٻيگهي متل آهي. اهي پنهنجي هوڏ تي ارڏا ٿي بيٺل آهن. ته ملڪ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري پندرهن نوان صوبا جوڙيا وڃن. ان پويان ملڪ جي ڪنهن به سياسي جماعت کي ڪا دلچسپي ڪانهي. پر فقط هڪڙي ئي ڏاڍ ڏهڪاءُ پکيڙيندڙ پارٽي نانگ جو ڦڻ ڪڍيو بيٺي آهي. پنهنجي اندر ۾ پيل زهر کي اوڳاڇي رهي آهي. ۽ سنڌ کي ٽوڙي ان مان ڪراچيءَ سميت حيدرآباد، ٺٽو، سجاول، بدين ۽ ميرپورخاص کي ملائي هڪ نئين صوبي جو قيام ڪرائڻ لاءِ ڳچ وقت کان جستجوءَ ۾ رهي آهي. ڪجهه وقت ماٺ ڪري ويهڻ کان پوءِ وري ڳَرَ ڪٽي ڪنهن نه ڪنهن ڪردار کي اڳيان ڪري ملڪ ۾ بد امنيءَ جي فضا قائم ڪري رهي آهي.

انسان جڏهن ڪنهن جي احسانن عيوض پنهنجي بقا ماڻيندو آهي. ته اهو ان محسن جو هميشه احسان مند رهندو آهي. پر جيڪڏهن ڪو احسانمنديءَ بدران پنهنجي محسن کي ڏنڊ ڏيڪاريندو آهي. ته ان جهڙو حيوان مثل ماڻهو دنيا جي تختي تي ڪونه هوندو آهي. اهڙي حيوان مثل انسان کي ڇا چئجي جنهن جي اکين مان شرم جون لاٿون اُجهامي چڪيون هجن. جنهن ۾ ڪو به حياءُ باقي نه رهيو هجي. اهڙو حيوان مثل انسان نانگ جي وصف پاڻ سمايل هوندو آهي. جنهن کي ڪيترو به ڪٽي کير پيار پر هو پنهنجيءَ فطرت آڏو ڏنگڻ تي مجبور هوندو آهي. پوءِ پلي سامهون ڪٽي سندس مالڪ ئي چو نه هجي. پر ان کي ڏنگيندو ضرور. هي به اهڙن نانگن مان ئي نروار ٿيل انسان جي روپ ۾ اسانجي سنڌ جي سيند کي ميرو ڪرڻ جي پويان لڳل آهن. جن کي برجستو جواب ڏيڻ ۾ ئي سنڌ ۽ سنڌ واسين جي سلامتي آهي. جي اڄ به اسان ٿڌائيءَ کان ڪم وٺنداسين ته اسان جي ٿڌائي اسان کي ئي ٿڏو ڪري وجهندي.

هن صورت حال ۾ اسان جون جيڪي به سنڌ سان پيار ڪندڙ ڌريون آهن. انهن کي ڳوڙهو ويچارڻو پوندو ۽ جيڪي به سياسي توڙي قومي پارٽيون سنڌ جي مفاد ۾ ڪم ڪندڙ آهن. تن کي اڳيان اچي پنهنجو ڳوڙ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ان لاءِ هر هڪ تنظيم جي سربراهه کي ان معاملي جو ڳهڻ رخو اڀياس ڪرڻو پوندو ۽ ڳوڙهي ويچار ڪانپوءِ جيڪي به نتيجا سامهون اچن. انهن جي آڌار تي ڪو مستقل لائحه عمل جوڙي معاملي جو هميشه لاءِ سدباب ڪرڻو پوندو. ان لاءِ ڪجهه گذارشون ساجاهه وند اڳواڻن آڏو رکڻ جي جسارت ڪريان ٿو.

سنڌ جي سرحدن جي مالڪي ڪرڻ
سنڌ جي معدني ذخيرن جي (خاص ڪري تيل، گيس، ڪوئلو) جي مالڪي ڪرڻ
سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي مالڪي ڪرڻ
سنڌ جي ڊوميسائل تي سنڌ واسين جي حق جي مالڪي ڪرڻ ته جيئن غير سنڌي سنڌ جي وارثن جي حصي جي روزگار تي قابض نه ٿين
سنڌ جي راڄڌانيءَ جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگردن سان ناروا سلوڪ تي ڀرپور رد عمل سان مالڪي ڪرڻ
سنڌ جي مُک روڊن تي قائم ڪيل ٽول ٽيڪس پلازائن کي ختم ڪرائڻ ۽ سنڌ جا روڊ ۽ رستا سنڌ حڪومت ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ
ختم ڪرايل ٻيلن کي ٻيهر آباد ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ
سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ کي محفوظ بنائڻ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺڻ
سنڌ جي سرڪاري ادارن کي نجڪاريءَ تحت پڳڙن مُٺ کپائڻ کان بچائڻ لاءِ جستجو ڪرڻ
سنڌ جي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف لائحه عمل جوڙي هر ضلع ۾ ڪارخانا ۽ ملون لڳارائڻ جي تحريڪ هلائڻ
سنڌ جي نوجوانن کي سنڌ جي معدني وسيلن وارن ڪاتن ۾ نوڪريون ڏيارڻ لاءِ تِڪا اُپاءُ وٺڻ. خاص ڪري ان ضلع جي بيروزگارن کي ترجيحي بنيادن تي رکائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ
تيل ۽ گيس جي اپت مان سنڌ جو گهٽ ۾ گهٽ اپت جو اڌ حصو سنڌ تي خرچ ڪرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ

ٿر جي ڪوئلي مان نهندڙ بجليءَ تي پهريون حق سنڌ واسين جو آهي. پر انهن کي بلڪل ئي نظر انداز ڪيو ويو آهي. هڪ يونٽ به سنڌ تي صرف نٿو ڪيو وڃي. جنهن ڪري سنڌ جا ٻهراڙيءَ وارا علائقا ڏينهن رات ۾ 22 ڪلاڪ محروم آهن. ته شهري علائقا 14 کان 16 ڪلاڪ عتاب ۾ آهن. ان لاءِ پروگرام جوڙي ان تي باقاعدي تحريڪ هلائڻ گهرجي.

گيس ملڪ جي پيداوار مان سنڌ 70 سيڪڙو پيدا ڪري ٿي. پر ان لاءِ صرف چار ڪلاڪ گيس موجود آهي. جيڪا سراسر نا انصافي آهي. جنهن جو عذاب سنڌ جو عوام ڀوڳي رهيو آهي.

هنن سيني مسئلن جو حل جستجوءَ ۾ آهي. جيڪا سنڌ کي پنهنجو سمجهندڙ. سنڌ دوست تنظيمن جي ذمي ۾ اچي ٿو. ته هو پنهنجي ڌرتيءَ جي سونهن قائم رکڻ لاءِ ۽ ان جي رهواسين جي سکن ۽ شانتيءَ لاءِ اٿي کڙا ٿين. ۽ اهي سڀ پنهنجي پنهنجي تنظيم جي پليٽ فارم تان ڪم ته ضرور ڪن پيا پر اهي هيستائين ايترو لاڀ ماڻي نه سگهيا آهن. جيترو هنن کي ماڻڻ گهربو هو. ڇاڪاڻ ته هو اڪيلي سر ته ڪوشان آهن. پر يڪمشت نه آهن. تنهن ڪري انهن سيني ذميوارن کي نماڻو عرض آهي. ته جيڪڏهن هو چاهين ٿا ته سنڌ پاڻ پري ٿئي ۽ سنڌ واسي پنهنجيون زندگيون سکن ڀريون گذارين ته ان لاءِ هڪ مُک تنظيم جوڙين. جنهن ۾ سڀ سنڌ ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ شامل هجن.

جهڙوڪ: قومي عوامي تحريڪ (اياز لطيف پليجو)، سنڌ ترقي پسند پارٽي (ڊاڪٽر قادر مگسي)، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (سيد زين شاهه)، جيئي سنڌ قومي محاذ (سنان قريشي)، جيئي سنڌ قومي محاذ (ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي)، جيئي سنڌ قومي محاذ (عبدالواحد آريسر) جيئي سنڌ محاذ (عبدالخالق جوڻيجو)، جيئي سنڌ محاذ (رياض چانديو)، جيئي سنڌ قومي پارٽي (نواز خان زنئور)، جيئي سنڌ تحريڪ (بشير خان جمالي) جيئي سنڌ قومي محاذ (اسلم خيرپوري) جيئي سنڌ تحرڪ (ڊاڪٽر صفدر سرڪي) وغيره

هنن سيني سربراهن کي نماڻو عرض آهي ته وقت جي تقاضا موجب پنهنجا سيئي ذاتي اختلاف وساري هڪ ئي پارٽي تشڪيل ڏين. جنهن ۾ ڪو به ننڍو وڏو عهدو نه هجي. سڀ جا سڀ مرڪزي اڳواڻ هجن. سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي هجي، ان ۾ سيئي برابر حيثيت ۾ هجن. باقي سيني پارٽين جا ڪارڪن. ڪارڪن طور ئي شامل هجن. جيڪي به فيصلا متفقه راءِ سان ٿين انهن تي سيئي گڏجي لائحه عمل جوڙي، منزل جو تعين ڪري، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ميدان عمل ۾ نڪري اچن. ته ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي جو منزل نه ملي. ان جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته 2 ته 12. ٻڌي ۽ ايڪي ۾ وڏي طاقت آهي. جيڪا ڪنهن به ڏنگ کي جهڪائي سگهي ٿي.

هن وقت هڪ ٿيڻ انتهائي اهم آهي. ڇاڪاڻ ته دشمن سامهون هڪئي پارٽي جا آهن. ته انهن جي پُٺ ڀرائي ڪندڙ قوتن مان هڪڙيون قوتون ملڪي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. ته هڪڙيون قوتون ملڪي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. ته ٻيون پَس پرده انتهائي سگهارين ڌرين جو هٿ پڻ شامل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تنهن ڪري جيترو هو سگهارا هٿ آهن. انهن کان وڌيڪ سگهارا هٿ پاڻ ۾ پيدا ڪرڻا پوندا. جيڪڏهن اسين سيئي هڪ ٿي وياسين ته پوءِ ڪو به اسان کي نه هيسائي سگهي ٿو نه ئي اسان کي ڏڙڪا ڏاٻا ڏيڻ جي مجال ڪري سگهي ٿو نه ئي پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ جي وحدانيت جي مٿان وار ڪرڻ جون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو نه ڪو اهڙو مسئلو مستقبل ۾ ڳَرَ ڪٽي سگهندو.

بقايا 01 ***

دنيا کي ايران جنگ جا معاشي اثر برداشت ڪرڻا پئجي رهيا آهن. بلاول ڀٽو افغانستان ۾ دهشتگرد گروپن جي موجودگي کي پاڪستان لاءِ هڪ وڏو سيڪيورٽي چئلينج قرار ڏيندي چيو ته افغانستان مان آمريڪي فوج جي واپسي کان پوءِ جديد هٿيار دهشتگردن جي هٿن ۾ هليا ويا. هن چيو ته پاڪستان عالمي طاقتن جي وچ ۾ ٽڪراءُ جي بدران تعاون جي حمايت ڪري ٿو ۽ پاڪستان آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندو رهندو. بلاول ڀٽو چيو ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي جي وچ ۾ دفاعي تعاون علائقائي استحڪام لاءِ اهم آهي.

بقايا 02 ***

گڏيل ڪامياب ڪاروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي، ته سيڪيورٽي فورسز جون ڪاروائيون قومي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪن ٿيون. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي وقت تي فيصلائتي ڪاروائي دهشتگردي جي هڪ وڏي خطري کي ناڪام بڻايو ۽ عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو هن چيو ته دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪاميابيون ۽ قربانيون تعريف جوڳيون آهن. وزيراعظم چيو ته سيڪيورٽي فورسز جون ڪاروائيون قومي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪن ٿيون. حڪومت دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 03 ***

س تبصرا ڪري رهيو آهي. غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي محسن نقوي چيو ته جنهن ڏينهن هن ان وزير بابت تبصرو ڪيو، اهو منهن لڪائڻ جي قابل به نه رهندو. هن چيو ته هو اڍائي سالن کان ان وزير جا تبصرا صبر سان ٻڌي رهيو آهي. جڏهن ته جن واپارين تي تنقيد ڪئي پئي وڃي، اهي پاڪستان جا عزتدار شهري آهن. اهي واپاري وفاق ۽ مختلف شهرن جي چيمبرن جا صدر ۽ عهديدار رهيا آهن. جڏهن ته انهن جو شمار پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس ادا ڪندڙن ۾ ٿئي ٿو. وفاقي گهرو وزير سوال ڪيو ته جيڪڏهن اهي واپاري ايترا خراب آهن ته پوءِ هر اليڪشن ۾ پارٽي فنڊ جي نالي تي انهن کان اربين رپيا ڇو ورتا وڃن ٿا؟

بقايا 04 ***

ن ۾ سڌارن جو بنياد رکيو آهي. اها ڳالهه ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ سينٽر فار سسٽين ايبل ڊولپمينٽ جي ڊائريڪٽر جيفري ساڪس پرڏيهي خبرو اداري کي انٽرويو ۾ چئي آهي. هن چيو ته اها ملاقات تاريخي ۽ انتهائي ڪارائتي هئي، انهن ٻنهي اڳواڻن جو گڏ اهو پهريون سربراهه اجلاس هو ۽ مون کي اميد آهي ته اهو آمن لاءِ وڏين طاقتن وچ ۾ گڏيل تعاون ۽ هم آهنگيءَ لاءِ هڪ نئين دور جي شروعات ثابت ٿيندو. شينزن ۾ انهن ٻنهي اڳواڻن سلامتي ڪائونسل جي مستقل ميمبرن جي حيثيت سان گڏيل قومن ۾ سڌارن آڻڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ته جيئن اهو ادارو عالمي امن ۽ سلامتي واري پنهنجي بنيادي مشن کي پورو ڪري سگهي.

بقايا 05 ***

صدر شي جن پنگ ان ڳالهه تي متفق ٿيا آهن ته مصنوعي ذهانت (AI) ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي فوجي فيصلن ۾ انساني شموليت هميشه لازمي هجڻ گهرجي. چين جي شهر شينزين ۾ صدر ٽرمپ ۽ صدر شي جي وچ ۾ ملاقات کان واپسي کان پوءِ سي اين بي سي سان ڳالهائيندي، اسڪات بيسنٽ چيو ته هي معاهدو صدر ٽرمپ جي ايشيا جي دوري جي وڏين ڪاميابين مان هڪ هو. ٽرمپ انتظاميا جي ٽيڪنالاجي لاءِ ترجيحي اصطلاح "سپر انٽيليجنس" جو حوالو ڏيندي، اسڪات بيسنٽ چيو، "منهنجو خيال آهي ته اهو انتهائي اهم آهي ته صدر ٽرمپ ۽ صدر شي ان ڳالهه تي متفق ٿيا آهن ته 'سپر انٽيليجنس' ذريعي ڪنهن به فوجي فيصلي سازي ۾ هميشه انسانن کي شامل ڪيو وڃي ۽ ان کي وڏين فوجي ڪاروائين لاءِ خودمختيار نه ٿيڻ گهرجي." بيسنٽ چيو ته ٽيڪنالاجي جي فوجي استعمال تي آمريڪا_ چين معاهدو، جيڪو انساني مداخلت ۽ ٻين حفاظتي اپائن کي لازمي قرار ڏئي ٿو، ٻنهي ملڪن جي مصنوعي ذهانت ۾ غلبي لاءِ جاري مقابلي ڪان متاثر نه ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته آمريڪي اي آءِ ليبارٽريز کي سائبر حملي ۾ استعمال ٿيندڙ 'خطرناڪ' چيني اي آءِ ماڊلز جي خلاف بهترين دفاع جي طور تي پنهنجي ٽيڪنالاجي برتري کي برقرار رکڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 06 ***

. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چاهي ٿو ته سياست ذريعي عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن، نه ڪي نيون ورهاستون پيدا ڪيون وڃن هن چيو ته، "چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري

رت وهائڻ نه، پر رت وهڻ کان روڪڻ چاهي ٿو."سندس اهو بيان ان کان اڳ سامهون آيو، جڏهن نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق، مجموعي سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ ايوان صدر ۾ صدر آصف علي زرداريءَ سان ملاقات ڪئي. سينيٽر رحمان ڪانسواءِ پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ راجا پرويز اشرف پڻ ملاقات ۾ موجود هو.اها ملاقات صدر زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف وچ ۾ چڪتاڻ ۾ ظاهري گهٽتائي ڪانپوءِ ٿي. وزيراعظم ان معاملي تي گهرو وزير محسن نقويءَ سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. اها صورتحال ڪراچي پريس ڪلب ۾ 'ميٽ دي پريس' تقريب دوران پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين جي بيانن ڪانپوءِ پيدا ٿي هئي. بلاول ڀٽو زرداري سنڌ ۾ نون صوبن جي قيام جي مخالفت ڪندي خبردار ڪيو هو ته سنڌ کي ورهائڻ سان رت وهندو.هن ڪيترن ئي معاملن تي اتحادي حڪومت تي تنقيد پڻ ڪئي هئي. جن ۾ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ورتاءُ، پي ٽي آءِ جي باني عمران خان جي قيد ۽ 27هين آئيني ترميم شامل هئا. بعد ۾ هن وضاحت ڪئي ته هو ڌمڪي نه، پر خطري کان خبردار ڪري رهيو هو ۽ شڪايت ڪئي ته پيپلز پارٽيءَ سان صلاح مشورو نه پيو ڪيو وڃي.انهن بيانن تي مسلم ليگ (ن) جي وزيرن خواجا آصف ۽ طلال چودريءَ سخت ردعمل ظاهر ڪيو. جڏهن ته متحده قومي موومينٽ پاڪستان (ايم ڪيو ايم_ پي) جي سربراهه خالد مقبول صديقيءَ عدالتن تي زور ڀريو ته اهي ان معاملي جو نوٽيس وٺن. مصطفيٰ ڪمال پڻ مسٽر ڀٽو زرداريءَ تي تنقيد ڪئي.ان ڪانپوءِ صدر زرداريءَ وزيراعظم شهباز شريف ۽ گهرو وزير محسن نقويءَ سان ملاقات ڪئي. جنهن ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ عوامي بيانن ۾ احتياط ڪرڻ تي زور ڏنو ويو پيپلز پارٽيءَ جي هڪ الڳ اجلاس ۾ سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوشش خلاف پارٽيءَ جي موقف کي ٻيهر ورجاءِ ڪيو ويو. مسٽر ڀٽو زرداري ۽ وزيراعظم وچ ۾ پڻ اينڊڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ملاقات جو امڪان آهي. سينيٽر شيري رحمان ڏکڻي سياري بابت پڻ خبردار ڪيو. جنهن دوران ڪيترن ئي علائقن ۾ گئس ۽ وسيلن جي کوٽ سان گڏ سخت موسمي حالتون پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. هن سياستدانن تي زور ڀريو ته نيون ورهاستون پيدا ڪري عوام جي مشڪلاتن ۾ اضافو نه ڪن.آئيني عمل هن نون صوبن بابت ريفرنڊم ڪرائڻ جي ڪجهه وزيرن جي مطالبن تي آئيني حدبندي پڻ واضح ڪئي. هن چيو ته، "انهن (وزيرن) کي ڄاڻڻ گهرجي ته آئين ان معاملي کي اجا به پارليامينٽ ڏانهن موڪليندو. اسيمبلين جي ووٽن کان پاسو ڪرڻ جو ڪو رستو ناهي. ريفرنڊم آئين کان متاثرنهن ٿو. نه ئي اهو ڪنهن اهڙي زميني حقيقت کي تبديل ڪري سگهي ٿو، جتي ڪنهن به صوبي جي پنهنجي اڪثريت جي راءِ ظاهر ڪري ڇڏي هجي. "پيپلز پارٽيءَ جو پيغام اهو هو ته اها سياسي چڪتاڻ ۾ آيل ناپر برقرار رکڻ چاهي ٿي، پر آئيني ۽ پارلياماني عمل کان ٻاهر نون صوبن جي قيام جي مخالفت ڪندي. جي چڪتاڻ ۾ آيل اها گهٽتائي برقرار رهندي جي، ان جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو ته سياسي پارٽيون پارليامينٽ ذريعي صلاح مشوري ۽ اتفاق راءِ جو رستو اختيار ڪن ٿيون يا وري ريفرنڊم وارو بحث ٻيهر شروع ڪن ٿيون. ياد رهي ته سنڌ حڪومت صوبائي اسيمبلي مان سنڌ ۾ نئون صوبو ناهڻ يا ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ جي مخالفت ۾ سنڌ اسيمبلي مان نهراءِ منظور ڪرايو هو ۽ سنڌ جي 6 ئي ڊويزنن جي ڊويزنل ناظمن به گڏيل پريس ڪانفرنس ڪري سنڌ ورهائڻ جي مخالفت ڪئي آهي.

بقايا 07 ***

پوئتي نه هٽندا ۽ جيڪڏهن ڪراچي کي وفاق جو حصو بڻائڻ جي ڳالهه ٿي ته ان جي به ڀرپور حمايت ڪندا.هن چيو ته ڊسمبر اهم مهينو آهي، جيڪو ڪجهه ٿيڻو آهي، اهو اينڊڙ بجيٽ کان اڳ ٿيڻو آهي. نوان صوبا سندن اينڊڙ نسلن جي بقا جو معاملو ۽ لائف لائن آهن. مصطفيٰ ڪمال چيو ته جيڪڏهن صوبن بابت ڳالهه ٻولهه سرڪاري سطح تي نه ٿي هجي ها ته هو هينئر تائين ڪنهن نه ڪنهن ان کي روڪرائي ڇڏيو هجي ها. هاڻي ڪنهن پارٽي نه، پر رياست کي بچائڻ جو وقت اچي ويو آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ کي به مشورو آهي ته اها بنا ڪنهن شرط جي نون صوبن واري معاملي جي حمايت ڪري، ڇاڪاڻ ته اهو پي ٽي آءِ لاءِ رياست جو پنهنجا معاملا بهتر بڻائڻ جو بهترين موقعو آهي. مصطفيٰ ڪمال جو چوڻ هو ته وزيراعظم چاهي ته پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس گهرائي ريفرنڊم جي منظوري به وٺي سگهي ٿو. آصف علي زرداري سمجهدار آهن ۽ ڄاڻن ٿا ته هر ڪم جو هڪ مناسب وقت هوندو آهي.

بقايا 08 ***

ضافو ٿيو آهي. ناڻي واري وزارت جي تفصيل موجب، جون 2025 جي آخر تائين پاڪستان جو

ڪل سرڪاري قرض 84.8 ٽريلين رپيا هو جيڪو جون 2026 جي آخر تائين وڌي 90.98 ٽريلين رپيا ٿي ويو اهڙي طرح، سرڪاري قرض ۾ 6.2 ٽريلين رپين (6,200 ارب رپيا) جو نمايان اضافو رڪارڊ ڪيو ويو، جڏهن ته قرض ۽ جي ڊي پي جو تناسب گهٽجي 72 سيڪڙو تي ويو آهي. مالي سال 2027 کان 2029 لاءِ ناڻي واري وزارت پاران تيار ڪيل قرض جي استحڪام جي تجزيي موجب، جون 2026 جي آخر تائين سرڪاري ۽ حڪومت جي ضمانت واري قرض جو ڪل حجم 90.98 ٽريلين رپيا وڌي ويو، جڏهن ته جون 2025 جي آخر ۾ اهو 84.8 ٽريلين رپيا هو.

بقايا 09 ***

ڪيو ۽ 6 گهوٽ سميت 13 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو. پوليس اختيارين موجب، شهر جي 8 پوليس اسٽيشنن جي حدن ۾ هوائي فائرنگ خلاف ڪاروائي ڪئي وئي، جنهن دوران 13 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. ڪاروائيون يخ ٽوت، فقير آباد، چمڪني، آرامن تڪل ۽ ٻدٻر سميت مختلف پوليس اسٽيشنن جي حدن ۾ ڪيون ويون. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل شڪي ماڻهن ۾ ڇهه گهوٽ شامل آهن. جڏهن ته شڪي ماڻهن جي قبضي مان هٿيار به هٿ ڪيا ويا آهن. گرفتار ٿيل ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. پوليس موجب، شادي جي تقريب دوران هوائي فائرنگ ڪندڙن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي، ڇاڪاڻ ته هوائي فائرنگ انساني جانين لاءِ سنگين خطرو پيدا ڪري ٿي ۽ قيمتي جانين جو نقصان ٿي سگهي ٿو. پوليس عملدارن شهرين کان اپيل ڪئي آهي ته شادي جي تقريبن کي هوائي فائرنگ کان پاڪ رکيو وڃي ۽ ذميوار شهري جي حيثيت سان پنهنجي ذميواري جو مظاهرو ڪيو وڃي.

بقايا 10 ***

ستان جي ٻن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي پاڪستان پهچي ويو آهي. پرڏيهي معاملن واري وزارت پاران جاري ڪيل بيان موجب جمهوريه پرتگال جي پرڏيهي معاملن وارو وزير، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي دعوت تي هي دورو ڪري رهيو آهي. پرتگال جو پرڏيهي معاملن وارو وزير ايچ اي پالورينجل 22 کان 23 نومبر 2026ع تائين پاڪستان جي دوري تي آهي. پاڪستان آمد تي يورپ بابت ايڊيشنل سيڪريٽري عائشه علي سندس استقبال ڪيو. پاڪستاني دورو اهڙي وقت ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن پاڪستان ۽ پرتگال 7 نومبر 1949ع تي قائم ٿيل پنهنجي سفارتي لاڳاپن جي 77 هين سالگرهه ملهائي رهيا آهن. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير پنهنجي پرتگالي هم منصب سان ون آن ون ملاقات ڪندو، جنهن کان پوءِ وفدن جي سطح تي ڳالهيون ٿينديون. ٻئي اڳواڻ گڏيل پريس ڪانفرنس پڻ ڪندا. ٻئي اڳواڻ ٻطرفي لاڳاپن جو جائزو وٺندا ۽ واپار ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا. ڳالهيون ۾ زراعت، خاص طور تي زيتون جي پوک ۽ پروسيسنگ، تجديد جوڳي توانائي، سامونڊي رابطن، لاڊلائي ۽ تعليم جي شعبن ۾ تعاون تي پڻ ڳالهيون ٿينديون. ٻئي اڳواڻ گڏيل دلچسپي جي علائقائي ۽ عالمي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا. گهڻ رخي نظام لاءِ پنهنجي گڏيل عزم تحت هو امن ۽ پائيدار ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن ۽ ٻين گهڻ طرفي فورمن تي تعاون تي ڳالهه ٻولهه ڪندا. دوري جي موقعي تي پاڪستان_ پرتگال بزنس فورم پڻ منعقد ڪيو ويندو. ٻنهي ملڪن جون ڪمپنيون زرعي ۽ غذائي شين، تجديد جوڳي توانائي، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيڪسٽائل جي شعبن ۾ واپاري پائيداري سيڙپڪاري جا موقعا ڳولڻ لاءِ ڪاروباري سطح تي ملاقاتون ڪنديون. سائنس گڏ هڪ ڪاروباري وفد پڻ آيو آهي جيڪو پاڪستان_ پرتگال بزنس فورم ۾ شرڪت ڪندو. اهو دورو پاڪستان ۽ پرتگال وچ ۾ ڊگهي عرصي کان قائم لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌائڻ جو موقعو فراهم ڪندو.

بقايا 11 ***

ڪئي فرار ٿي ويو پوليس موجب واقعو نارٿ ڪراچي سيڪٽر فائيو ايم ۾ پيش آيو جتي هڪ گهر اندر پٽ مبينا طور تيز ڌار اوزار جا وار ڪري پنهنجي 65 ورهين جي پيءُ کي قتل ڪيو پوليس ٻڌايو ته مقتول جي سڃاڻپ نصير طور ٿي آهي، جنهن جو ڌڙ گهر مان مليو. جڏهن ته جوابدار پٽ رضوان مقتول جو مٽو ڪئي فرار ٿي ويو پوليس جو چوڻ آهي ته پاتين موجب جوابدار رضوان جي ذهني حالت درست نه آهي. واقعي وقت پيءُ ۽ پٽ گهر ۾ اڪيلا هئا. جڏهن ته گهر جا ٻيا ڀاتي ٻاهر ويل هئا.پوليس جوابدار رضوان جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته مقتول جو لاش قانوني ڪاروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتان ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 12 ***

کي حاصل ڪرڻ لاءِ گورنر جو مضبوط ۽ بااختيار هجڻ ضروري آهي. جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته وفاقي حڪومت خيبر پختونخوا جي گورنر کي بااختيار بڻائي رهي آهي ۽ تازو آرڊيننس ان حڪومتي عزم جو واضح ثبوت آهي. وفاقي وزير چيو ته گورنر جو وفاقي حڪومت سان ورڪنگ رليشن رکڻ آئيني ۽ انتظامي ضرورت آهي ان کي سياسي تڪرار بڻائڻ بدران صوبي جي امن ۽ استحڪام لاءِ گڏيل ڪوششن جو حصو سمجهڻ گهرجي. هن چيو ته ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ، سندس پارٽي ۽ پيپلز پارٽي جو گڏيل فيصلو هو. گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ سان صوبي ۾ امن ۽ ترقي جي نئين دور جي شروعات ٿي آهي. دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو رهندي.

بقايا 13 ***

حيدرآباد، مٽياري، ميرپورخاص، نوشهروفيروز ۽ لاڙڪاڻي ۾ ٿينديون چونڊون ٿي رهيون آهن. اليڪشن ڪميشن سنڌ جي ترجمان جو چوڻ آهي ته پولنگ مقرر وقت صبح 8 وڳي شروع ٿي. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته پولنگ جو عمل شام 4 وڳي تائين بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهندو.

بقايا 14 ***

احتجاجي مظاهرن ۽ ريلين نڪرڻ جي امڪان کي نظر ۾ رکندي شهر جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ڪنهن ۾ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ريڊ زون ۾ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي. پوليس اختيارين موجب ڪراچي پريس ڪلب ۽ جي آر سي پاس سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن. جڏهن ته شهر جي ٻين اهم هنڌن تي به پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. مختلف احتجاجي ريلين جي امڪان سبب ايف ٽي سي پل تي ڪنٽينر پهچايا ويا آهن. جڏهن ته نمائش چورنگي، شاهراهه قائدين ۽ گرو مندر تي به سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن. اختيارين جو چوڻ آهي ته صدر، ايمپريس مارڪيٽ ۽ شاهراهه فيصل تي پڻ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا 15 ***

تبديل نه ڪري سگهندو. آمريڪي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي ٽرمپ، جيڪو ايران ۾ حڪومت جي تبديلي جو خواهشمند رهيو آهي، پنهنجي موقف ۾ نرمي آڻيندي اهو به چيو ته کيس ايراني نظام جي تبديلي ۾ ڪا گهڻي دلچسپي ناهي.

بقايا 16 ***

وليس عملدارن موجب شهر جي 8 ٿاڻن جي حدن ۾ هوائي فائرنگ خلاف ڪاروايون ڪيون ويون، جن دوران 13 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. ڪاروايون يخي ٽوت، فقير آباد، چمڪني، آزمژ، تهڪال ۽ ٻدهٻير سميت مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪيون ويون. پوليس عملدارن جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن ۾ 6 گهوٽ به شامل آهن. جڏهن ته سندن قبضي مان هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. گرفتار ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. پوليس موجب شادين جي خوشين ۾ هوائي فائرنگ ڪندڙن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي، ڇاڪاڻ ته هوائي فائرنگ انساني جانين لاءِ سنگين خطرو آهي ۽ ان سبب قيمتي جانيون ضايع ٿي سگهن ٿيون. پوليس عملدارن شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته شادي جي تقريبن کي هوائي فائرنگ کان پاڪ رکن ۽ ذميوار شهري هجڻ جو ثبوت ڏين.

بقايا 17 ***

حمان ڪيتران خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪندي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس ٻڌايو ته گرفتار جوابدار جي نشاندهي تي قتل ڪري دفن ڪيل ٽن ڄڻن جا لاش ڪڍيا ويا آهن. جڏهن ته هڪ لاش عبدالرحمان ڪيتران جي رهائشگاهه تان پرسان هٿ آيو پوليس لاشن جا باقيات ضروري قانوني ڪاروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 18 ***

ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو. هن چيو ته آگسٽ 2022 دوران لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو جي تباهيءَ ته 10 ڏينهن لاڳيتو برسات پئي. تيز برسات سبب 4,500 سال پراڻي موهن جو دڙو جون ڪيترين ئي پٿين ڊهي پيون. موسمياتي تبديلي اسان جي تهذيب ۽ تاريخي ورثي لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي. مصدق ملڪ چيو ته پاڪستان جي سرزمين سنڌو ۽ گندهارا جهڙي قديم تهذيبن جو مرڪز رهي آهي، اسلام آباد جي آس پاس ۾ مختلف تاريخي تهذيبون آهن. گندهارا جو بدهه فن تعمير سلڪ روڊ ذريعي وچ ايشيا ۽ چين تائين پهتو ۽ پاڪستان جا تاريخي رابطا اتر ۾ بخارا ۽ سمرقند تائين پکڙيل آهن

بقايا 19 ***

ڏهن ته 11915 غيرقانوني پناهگيرن کي سندن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو. سعودي عرب جي گهرو وزارت جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته 12 کان 18 نومبر وچ ۾ گڏيل طور تي ليبر قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ تي 10783 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته غيرقانوني طور تي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 373 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو ۽ 28 اهڙن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو جيڪي سرحد پار ڪري سعودي عرب مان پاڙيسري ملڪن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. اهڙي ريت سفر، رهائش ۽ روزگار ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 14 ٻين ماڻهن کي پڻ حراست ۾ ورتو ويو. گهرو وزارت چيو آهي ته جيڪو به شخص غيرقانوني طور تي سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سهولت فراهم ڪندو ان کي 15 سال قيد ۽ 10 لک ريال تائين ڏنڊ سان گڏوگڏ گاڏي ۽ ملڪيت ضبط ڪرڻ جي سزا ملي سگهي ٿي.

بقايا 20 ***

ڪار متاثرن لاءِ 5 ارب 30 ڪروڙ رپين جي امدادي پيڪيج تي عملدرآمد جي هدايت ڪئي آهي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي لاڳاپيل کاتن ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سان رابطو ۽ سهڪار يقيني بڻائڻ جي هدايت پڻ ڪئي. ان موقعي تي مراد علي شاهه چيو ته خوراڪ کاتي پاران ڪڻڪ جي فراهمي تي في مڻ 2 هزار رپيا اضافي امداد پڻ ڏني ويندي. ان کانسواءِ آبادگارن لاءِ في ايڪڙ 4 هزار رپين جي ڊي اي پي ڀاڻ تي سبسڊي ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي.

بقايا 21 ***

رنس آپريشن دوران فتنہ الخوارج سان لاڳاپيل هٿيارن ۽ ڌماڪيدار مادو جو هڪ وڏو ذخيرو هٿ ڪيو. سيڪيورٽي ذريعن موجب، آپريشن دوران فتنہ الخوارج سان لاڳاپيل هٿيارن ۽ ڌماڪيدار مادو جو هڪ وڏو ذخيرو هٿ ڪيو ويو. فتنہ الخوارج هڪ خالي رهائشي گهر ۾ هٿيار، گولا بارود ۽ ڌماڪيدار مادو لڪايو هو سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته گهر جي ڪوٽائي دوران هڪ اينٽي ايئرڪرافٽ گن، هڪ هيوي مشين گن، هڪ آر پي جي_7 ۽ ڳرا هٿيار هٿ ڪيا ويا. هٿ ڪيل شين ۾ آر پي جي_7 رائونڊ، ڪواڊ ڪاپٽر ڊراپ ڪٽس، يو بي جي ايل رائونڊ ۽ ڊيٽونيٽنگ ڪنڊون پڻ شامل آهن. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته رهائشي علائقن ۾ ڌماڪيدار مادو لڪائڻ معصوم شهرين جي زندگين لاءِ وڏو خطرو آهي. جديد هٿيارن جي وصولي دهشتگردن جي ٻاهرين رابطن ۽ سپلائي چين جي نشاندهي ڪري ٿي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ سيڪيورٽي فورسز مير علي ۾ ڌماڪيدار مواد ناهڻ واري ليبارٽري کي پڪڙيو هو.

بقايا 22 ***

ن نقي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. آچر تي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر مملڪت حسين نقي جي صحافت، آزادي جي اظهار ۽ انساني حقن جي ڊگهين خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته حسين نقي صحافت ۽ جمهوري قدرن کي هٿي وٺائڻ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو. سندس خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو. صدر مملڪت حسين نقي جي سوگوار ڪٽنب سان تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ پڻ دعا ڪئي.

بقايا 23 ***

حسين شاهه جو چوڻ آهي ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي. مون کي خبر ناهي ته واپاري صوبن جي ڳالهائي ڪٿان ڪئي آيا. حيدرآباد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه صوبن بابت بحث ۾ چيو ته اسان ريفرنڊم کان وڃڻ وارا نه آهيون. پر جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي) کي نظرانداز ڪندي ريفرنڊم ڪرايو ويو ته اسان سنڌ جي ماڻهن سان گڏ هونداسين. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي. مون کي خبر ناهي ته واپاري صوبن جي ڳالهائي ڪٿان ڪئي آيا

بقايا 24 ***

اڪر جاري ڪيا آهن. تفصيلن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 21 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 42 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ 9 هزار ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد ۽ چوڙ 19 هزار 300 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 8 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 29 هزار 300 ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 7 هزار ڪيوسڪ ۽ چوڙ 2 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي انگن اکرن مطابق گڊو بئراج ۾ پاڻي جي آمد 42 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 35 هزار 700 ڪيوسڪ، سکر بئراج ۾ پاڻي جي آمد 34 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 12 هزار 800 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جي آمد 9 هزار

100 ڪيوسڪ ۽ چوڙ ٻڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1477.85 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.992 ملين ايڪڙ فٽ. منگلا جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1178.65 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 3.013 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.20 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.269 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 25 ***

موجب شهباز شريف روس جي 3 ڏينهن جي دوري کان پوءِ ايران ويندو. ان کان علاوه، وزيراعظم روسي صدر ولاديمير پيوٽن کي باضابطه طور تي دعوت ڏيندو ته هو ايندڙ سال پاڪستان ۾ منعقد ٿيندڙ شنگهائي تعاون تنظيم جي سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان جو پنهنجو پهريون دورو ڪري

بقايا 26 ***

ي تي وزيرن جي هڪ خاص گروپ جي رويي جي مذمت ڪري ٿي پيپلز پارٽي جي اڳواڻ رضا رباني جو چوڻ آهي ته ريفرنڊم صوبائي حدون تبديل ڪرڻ لاءِ آرٽيڪل 239/4 ۾ بيان ڪيل طريقيڪار جو متبادل ناهي، ريفرنڊم جي معاملي تي وزيرن جي هڪ خاص گروپ جي رويي جي مذمت ڪئي. هن چيو ته اهو چيو پيو وڃي ته جيڪڏهن ريفرنڊم جا نتيجا حق ۾ آيا ته انهن کي بل ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو، آئين ڪرڻ پارليامينٽ جي آزادي کي نقصان پهچائڻ ۽ صوبائي اسيمبلي جي آئيني اختيارن کي محدود ڪرڻ جي برابر هوندو. رضا رباني موجب، ڪا به عدالت آئين ۾ اهڙي تشريح شامل نٿي ڪري سگهي جيڪا ان ۾ موجود نه هجي، ۽ نه ئي ڪا عدالت آئين کي ٻيهر لکي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪا عدالت ائين ڪري ٿي ته اها آئيني طريقيڪار ۽ صوبائي اسيمبلي جي آئيني حق جي خلاف ورزي هوندي. رضا رباني وڌيڪ چيو ته اهڙو قدم پاڪستان جي آئين جي بنيادي اصولن کي تبديل ڪرڻ جي برابر هوندو، ڇا اسان جي موجوده نظام اهڙي انحراف جو متحمل ٿي سگهي ٿو؟

بقايا 27 ***

ڪا جو پهريون ملڪ بڻجي ويو آهي. اها ڳالهه ڪينيڊا جي دفاع واري قومي وزير ڊيوڊ ميڪ گنٽي هڪ اعلان ۾ ڪئي آهي. ڪينيڊا جي دفاع واري وزارت پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب فنڊ ۾ شموليت تحت ڪينيڊا 100 ملين ڪينيڊين ڊالر (70 ملين آمريڪي ڊالر) کان وڌيڪ رقم فراهم ڪندو جنهن سان نيٽو انوويشن فنڊ کي ڪينيڊا ۾ نئين ڪاروباري ٽيڪنالاجي ڪمپنين (اسٽارٽ اپس) ۾ سيڙپڪاري فنڊ ۽ سيڙپڪاري ڪرڻ جا موقعا ملندا. جڏهن ته ان قدم سان ڪينيڊا ۽ يورپي نيٽو اتحادي ملڪن وچ ۾ دفاعي شعبي ۾ سيڙپڪاري ۽ سهڪار کي هٿي وٺائڻ لاءِ پڻ هڪ نئون رستو کلندو.

بقايا 28 ***

اعيل چيو ته ڪراچي ۾ ڪڻڪ جو اگهه 157 رپيا في ڪلو تائين پهچي ويو آهي، ايندڙ ڏينهن ۾ اٽي جي قيمت 200 رپيا في ڪلو ويا ان کان به وڌي سگهي ٿي، اها ساڳي ڪڻڪ آهي. جيڪا هارين هلندڙ سال اپريل ۽ مئي ۾ 65 رپيا في ڪلو کان به گهٽ اگهه تي وڪرو ڪئي هئي. جڏهن ته پرڏيهه مان درآمد ٿيندڙ ڪڻڪ جي ڪراچي پهچڻ تائين لاڳت لڳ ڀڳ 95 رپيا في ڪلو ٿئي ٿي. هن چيو ته حڪومت نه وقت سر ڪڻڪ درآمد ڪئي ۽ نه ئي خانگي شعبي کي درآمد جي اجازت ڏني. حڪومت خبر ناهي ڪهڙن سببن جي ڪري درآمد ۽ برآمد جو عمل ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان (ٽي سي پي) ذريعي ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿي. مفتاح اسماعيل چيو ته 10 لک ٽن ڪڻڪ درآمد ڪرڻ باوجود ملڪ ۾ ڪوٽ برقرار آهي ۽ اڳهن ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي. خدشو آهي ته عوامي احتجاج ڪانپوءِ جيڪڏهن حڪومت وڌيڪ ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته اها ڪڻڪ فيبروري يا مارچ ۾ پاڪستان پهچندي. اڳوڻي ناڻي واري وزير خبردار ڪيو ته جيڪڏهن درآمد ڪيل ڪڻڪ مارچ يا اپريل ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي مقامي مارڪيٽن ۾ اڳهه گهٽجي سگهن ٿا. جنهن سبب هارين کي نقصان ٿيندو حڪومت کي ڪڻڪ درآمد ڪرڻي آهي ته فوري طور قدم کڻڻ گهرجن. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت شگر ملز مالڪن جي مفادن کي ترجيح ڏيندي ڪين کنڊ برآمد ڪرڻ جي اجازت ڏني. جڏهن ته حڪومتي نااهلي ۽ ذاتي مفادن تي ٻڌل فيصلن

جي قيمت عام واهپيدار ڀري رهيا آهن. مفتاح اسماعيل موجب موجوده صورتحال ۾ ريفائنريون، آئل مارڪيٽنگ ڪمپنيون ۽ شگر ملزوڏو منافعو ڪمائي رهيون آهن. جڏهن ته عوام مهانگائي ۽ روزمره جي ضروري شين جي وڌندڙ اگهن جو بار برداشت ڪرڻ تي مجبور آهي.

بقايا 29 ***

ي جي اپيل 2_1 جي اڪثريتي راءِ سان منظور ڪندي لاهور هاءِ ڪورٽ ۽ ماتحت عدالت جا حڪم ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيا. ڪيس ۾ گڏيل عرب امارتن جي وفاقي ۽ ابوظهبي جي مقامي عدالتن جي قانوني حيثيت ۽ پرڏيهي عدالتي فيصلن کي پاڪستان ۾ لاڳو ڪرڻ بابت قانوني نقطن جو جائزو ورتو ويو اڪثريتي فيصلي ۾ جسٽس منيب اختر ۽ جسٽس محمد شفيع صديقي قرار ڏنو ته ابوظهبي جي مقامي اپيلٽ عدالت کي گڏيل عرب امارتن جي وفاقي اپيلٽ عدالت تصور نٿو ڪري سگهجي. مقامي عدالتن جا اختيار وفاقي عدالتن ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ مخصوص وفاقي قانون هجڻ ضروري آهي. عدالت قرار ڏنو ته لاهور هاءِ ڪورٽ کي لاڳاپيل ڊگري سول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 44_A تحت پاڪستان ۾ لاڳو ڪرڻ جو اختيار حاصل نه هو. تنهن ڪري ماتحت عدالت ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جو حڪم برقرار نٿا رکي سگهجن. ڪيس ۾ ٽن رڪني بئنچ جي ميمبرن وچ ۾ اختلاف ٿيڻ ڪانپوءِ معاملو ٽئين جج ڏانهن ريفري جج طور موڪليو ويو هو. جسٽس محمد شفيع صديقي ريفري جج جي حيثيت سان جسٽس منيب اختر جي راءِ سان اتفاق ڪيو. جنهن ڪانپوءِ اڪثريتي فيصلو سامهون آيو ٻئي پاسي جسٽس عرفان سعادت خان اڪثريتي فيصلي سان اختلاف ڪندي پنهنجي اختلافي راءِ ۾ موقف اختيار ڪيو ته ٽرائل ڪورٽ جي فيصلو اپيلٽ عدالت جي فيصلي ۾ ضم ٿي چڪو هو. تنهن ڪري لاڳو ٿيڻ واري ڊگري کي اپيلٽ عدالت جي ڊگري تصور ڪرڻ گهرجي. جسٽس عرفان سعادت خان موجب گڏيل عرب امارتن پاڪستان لاءِ باهمي عدالتي فيصلن جي نفاذ وارو تسليم ٿيل علائقو آهن ۽ اپيلٽ عدالت جي ڊگري پاڪستان ۾ لاڳو ڪري سگهجي ٿي. سپريم ڪورٽ جي هن فيصلي ۾ پرڏيهي عدالتي فيصلن کي پاڪستان ۾ لاڳو ڪرڻ، گڏيل عرب امارتن جي وفاقي ۽ مقامي عدالتن جي اختيارن ۽ سول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 44_A جي تشريح بابت اهم قانوني اصول واضح ڪيا ويا آهن.

بقايا 30 ***

هي.جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جي اڳواڻ رياض چانديو چيو آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي ڪا به سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي. جعلي ريفرنڊم يا پارليامينٽ ۾ ويهي سنڌ جي ورهاست جون ڳالهيون ڪندڙ ست ڪروڙ سنڌين جي توهين آهي. هن چيو ته سنڌ جا ماڻهو پرامن احتجاج ذريعي پنهنجي ڌرتيءَ جي جاگرافيائي وحدت، سمنڊ، تهذيب ۽ ثقافت جو تحفظ ڪندا. اسان کي انصاف ته نه مليو پر هاڻي اسان جي ڌرتيءَ جو وجود ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. سنڌ جي وحدت تي ڪا به سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي.رياض چانديو سنڌ وحدت مارچ ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪندي چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي. سنڌ جي ورهاست بابت ڳالهيون بند ٿيڻ گهرجن. ٻئي طرف ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته وحدت سنڌ مارچ ۾ لکين ماڻهو گڏ ٿي مخالفن کي پيغام ڏيندا ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي. سنڌ جو ڪو به غيرتمند پٽ سنڌ جي ورهاست جي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌ کي ورهائڻ وارو خيال رد نه ڪيو ويو ته پنجاب جا رستا بند ڪيا ويندا. مولانا ناصر محمود سومرو چيو ته ڪراچي سنڌ جي شهه رڳ آهي. سنڌ کي ورهائڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو "وحدت سنڌ مارچ" سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف پنهنجي منزل ڏانهن روان آهي. مختلف شهرن مان ڌرتي ڏڻين جي ڪراچي پهچڻ جو سلسلو جاري آهي. سکر، حيدرآباد سميت ٻين شهرن ۾ به وحدت سنڌ مارچ جي حمايت ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. جڏهن ته مرڪزي احتجاج ڪراچي ۾ جاري آهي. مارچ ۾ شرڪت لاءِ نئي، ملير ۽ ٻين علائقن جا قافلا پڻ پنهنجي منزل ڏانهن روانا آهن. ٻئي پاسي ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر پڻ ڪراچي ۾ ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 31 ***

ا مختلف حصا ٽريفڪ لاءِ بند ڪيا ويا آهن. ڪوهيڙي سبب موٽروي ايم ون تي پشاور جي مين ٽول پلازا کان رشڪئي تائين ٽريفڪ معطل ڪئي وئي آهي. ان کانسواءِ ايم ٽو لاهور کان هرڻ مينار، ايم ٽري لاهور کان جڙانوالا، ايم فور پنڊي ڀٽيان کان عبدالحڪيم ۽ لاهور_سيالڪوٽ موٽر وي ايم 11 پڻ بند ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي فضائي

گدلاڻ جي لحاظ کان دنيا جي وڏن شهرن ۾ لاهور اڄ ٻيهر پهرين نمبر تي اچي ويو آهي. لاهور ۾ پارٽيڪوليٽ ميٽرز جو انگ 489 رڪارڊ ڪيو ويو، جڏهن ته 245 پارٽيڪوليٽ ميٽرز سان دهلي ٻئي نمبر تي رهيو ان کان علاوه پنجاب جي شهر گوجرانوالا ۾ 556، بهاولپور ۾ 463، سرگودا ۾ 382 ۽ ملتان ۾ 255 پارٽيڪوليٽ ميٽرز رڪارڊ ڪيا ويا آهن.

بقايا 32 ***

ڊيٽر هو ۽ انساني حقن واري ڪميشن آف پاڪستان (ايڇ آر سي پي) سان پڻ لاڳاپيل رهيو هو.صدر آصف علي زرداري ۽ حسين نقيءَ جي لاڏاڻي تي سندس پونئرن سان تعزيت جو اظهار ڪندي گهري ڏک جو اظهار ڪيو. ايوان صدر پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو ته صدر صحافت، اظهار جي آزادي ۽ انساني حقن لاءِ حسين نقيءَ جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي.بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته صدر جا لفظ هئا: "حسين نقيءَ صحافت ۽ جمهوري قدرن جي واڌاري ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. سندس خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو."صدر حسين نقيءَ جي خاندان سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي.انساني حقن واري ڪميشن آف پاڪستان (ايڇ آر سي پي) پڻ هڪ بيان جاري ڪندي چيو ته اها حسين نقيءَ جي لاڏاڻي تي "گهري ڏک ۾ ورتل" آهي. بيان ۾ چيو ويو ته، "شاگرد اڳواڻ کان وٺي اخبار جي ايڊيٽر ۽ ايڇ آر سي پي جي خزانچيءَ تائين، 70 سالن کان وڌيڪ عرصي تي پکڙيل پنهنجي صحافتي ۽ سماجي ڪردار دوران، ڪيترائي ڀيرا قيد ٿيڻ يا اختيارين جي انتقامي ڪاروائين جو طاقتور ڌرين آڏو سچ ڳالهائڻ واري سندس عزم کي ڪڏهن به ڪمزور نه ڪيو.نقي صاحب ان ڏهاڪن تائين مختلف حيثيتن ۾ ايڇ آر سي پي جون خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ لاڏاڻي وقت به ڪائونسل جو سرگرم ميمبر هو.پاڪستان ۾ عوام جي حقن ۽ جمهوريت لاءِ اٿندڙ مضبوط ترين آوازن مان هڪ آواز خاموش ٿي ويو آهي."

بقايا 33 ***

ا موجب فرانس ۾ مسلسل ڇهين هفتي به وڌندڙ مهانگائي ۽ حڪومتي پاليسين خلاف احتجاج رڪارڊ ڪيو ويو جنهن ۾ سوين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا. پيرس ۾ احتجاج ڪندڙن وڌيڪ اجرت، سستي رهائش ۽ منصفاڻو ٽيڪس نظام جي حق ۾ نعرا هنيا. احتجاج جي ڪري انتظاميا شهر جي ريلوي اسٽيشنن ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ تي سيڪيورٽي سخت ڪري ڇڏي، جڏهن ته مارسيلي ۾ به احتجاج جو سڏ ڏنو ويو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب، انتظاميا احتجاج ۽ مظاهرين کي من هٿيارينڊن ڪيس روڪي لکين رپين جا موبائلنهن ڏيڻ لاءِ 70,000 سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا آهن. ياد رهي ته فرانس ۾ احتجاجي تحريڪ دوران پوليس 17 آڪٽوبر کان 16 نومبر تائين 7,184 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو، جن مان 3,053 ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا.

بقايا 34 ***

ڪ ماليت جا موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا. ڪراچي اليڪٽرانڪس مارڪيٽ جي صدر عرفان رضوان موجب متاثر واپاري منير خان عرف منا صدر موبائل مارڪيٽ، عبدالله هارون روڊ تان موبائل فون خريد ڪري واپس وڃي رهيو هو ته قائدآباد موبائل مارڪيٽ پرسان هٿيار بندن ڪيس روڪي لکين رپين جا موبائل فون ڦري ورتا ۽ فرار ٿي ويا. متاثر واپاري منير خان پنهنجي وڊيو بيان ۾ ٻڌايو ته چئن هٿياربندن ڪانئس موبائل فون ڦريا. هن جي گڏيل ماليت 70 لک رپين کان وڌيڪ هئي. هن چيو ته ان کان اڳ به هو ڦرجي وارداتن جو شڪار ٿي چڪو آهي. پر اڳوڻين وارداتن ن هٿياربندن ڪيس روڪي لکين رپين جا موبائل ۽ ٻه ڪا به چوري ٿيل ملڪيت واپس نه ملي سگهي. عرفان رضوان موجب واقعي بابت پوليس هيلپ لائن 15 تي اطلاع ڏنو ويو آهي. جڏهن ته اعليٰ پوليس عملدارن سان به رابطو ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي پوليس جو چوڻ آهي ته متاثر واپاري کان ڦريل موبائل فونن جا تفصيل طلب ڪيا ويا آهن. واپاري طرفان موبائل فونن جا آءِ ايم اي آءِ نمبر فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا 35 ***

ي آهي. سي پي ڊي ٻڌايو ته دهشتگرد سرڪاري تنصيبات تي حملن ۽ پاڪستان جي سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي منصوبابندي ڪري رهيا هئا. سي پي ڊي موجب دهشتگردن وٽان 2 ڪلاشنڪوفون، هڪ پسٽول، 3 دستي بم، 5 ميگزين ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊ هٿ ڪيا ويا آهن. سي پي ڊي ٻڌايو ته فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ سرچ آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن جا لاش هٿ آيا. جڏهن ته فرار ٿيل ٻين دهشتگردن جي گرفتاري لاءِ مٿي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي.

سينيئر صحافي محمد ايوب ملاح جي طبيعت ڪافي وقت کان ناساز اسپتال داخل

جنهن کي هن وقت ڊائو يونيورسٽي اسپتال ڪراچي ۾ پتي ۾ پٿرين واري بيماري سبب داخل ڪيو ويو

جتي سندس پتي جي پٿرين جي ڪامياب آپريشن پڻ ڪئي ويئي، جتي سندس علاج جاري

صحافي محمد ايوب ملاح جلد صحتياب ٿي پنهنجي گهر پهچي ٻيهر پنهنجون صحافتي سرگرميون جاري رکي سگهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ايف ايم 92 ريڊيو نوري آباد سان ڊگهي عرصي کان سچائي، ايمانداري ۽ محبت سان سات نڀائيندڙ سينيئر صحافي محمد ايوب ملاح جي طبيعت ڪافي وقت کان ناساز هئي، جنهن کي هن وقت ڊائو يونيورسٽي اسپت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

چيلهار پرسان ڳوٺ ڏوڙڪيون ۾ باهه ڏهه پورهيتن جا گهر سڙي رک ٿي ويو، هڪ نينگر به سڙي فوت

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) : خبر موجب چيلهار پرسان ڳوٺ ڏوڙڪيون ۾ اوچتو خطرناڪ باهه لڳڻ سبب ڏهه پورهيتن جا گهر سڙي رک ٿي ويا، باهه سبب ورڌو مينگهواڙ جو پنج سالن جونينگر به سڙي فوت ٿي ويو باهه متاثرين ۾ سوائي،اندرو، ايسرو، ورڌو، پرتاب، جمعو ۽ ٻيا شامل آهن. باهه لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل ڪاڏي پيتي سميت سمورو سامان باهه جي نظر ت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

اي ڊي او پاران ڪرپشن جا الزام لڳائڻ بعد ٽي اي او فيميل جوهي سيده شاهه جهان شاهه ميدان ۾ اچي وئي

هراسان ڪرڻ ۽ ڌمڪائڻ جا الزام، رٽائرمينٽ جي فائيلن تي زوري صحيح لاءِ دٻاءُ وڌو ويو: ميڊم سيده شاهه جهان شاهه

ڌمڪائڻ ۽ غيرقانوني طور رٽائرمينٽ جي فائيلن تي صحيحون ڪرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ جا الزام لڳائي ڇڏيا

باس آفيسر هجڻ باوجود مٿس ڪرپشن جا ڪوڙا الزام لڳائڻ ڪانپوءِ ڪيس مجبور ٿي پنهنجو موقف عوام آڏو رکڻو پيو آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنڊ) تعليم کاتي دادو ۾ ڪرپشن ۽ استادن کي ويزا تي موڪلڻ جي الزامن واري تڪرار نئون رخ اختيار ڪري ورتو آهي، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (اي ڊي او) پاران ٽي اي او فيميل جوهي ميڊم شاهه جهان شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ميرپورخاص جي صحافين تي مبينا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ حراسان ڪرڻ خلاف صحافين جو احتجاج

گوويندا مهيشوري ۽ ٻين صحافين ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي

ميرپورخاص پوليس پاران صحافين فلڪ شير، علي رضا رند ۽ عمران ملڪ کي انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻائيندي

ڏڙو(رپورٽر) ميرپورخاص جي صحافين تي مبينا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ حراسان ڪرڻ خلاف صحافين جو احتجاج، فوري آزادي جو مطالبو عو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سڄاول ۾ جمعيت علماءِ اسلام طرفان نوان صوبا ٺاهڻ واري معاملي خلاف احتجاجي ريلي

ريلي جي اڳواڻي مولانا اسماعيل ميمڻ ۽ فضل الله فيض ڪئي، سڄاول ۾ احتجاجي ريلي مدرسا القاسميه کان شروع ٿي

جيڪا بس اسٽاپ کان ٿيندي مامون لاڏو چوڪ پهتي، جتان ريلي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي پبلڪ پارڪ تي پهتي

قيادت سان احترام وارو رويو اختيار ڪيو وڃي ۽ عوام جي خدشن کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪيا وڃن

سڄاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)سڄاول ۾ جمعيت علماءِ اسلام طرفان مولانا فضل الرحمان جي حمايت ۾ ۽ نوان انتظامي يونٽ ٺوڙي نوان صوبا ٺاهڻ واري معاملي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي مولانا اسماعيل ميمڻ ۽ فضل ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

مولانا فضل الرحمان اسان جي ريڊ لائين آهن: ڊاڪٽر اي جي انصاري

سنڌ جي ورهاڱي ڪراچي کي وفاقي يونٽ بڻائڻ يا ريفرنڊم جي ڪنهن به سازش قبول نه ڪنداسين

جي يو آءِ اڳواڻن خلاف انتقامي ڪارروائين ۽ مهانگائي خلاف جيڪب آباد ۾ وڏو احتجاجي مظاهرو

جمعيت علماءِ اسلام ضلعي جيڪب آباد پاران قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان سان يڪجهتي جي اظهار

جيڪب آباد (رپورٽر) مولانا فضل الرحمان اسان جي ريڊ لائين آهن، سنڌ جي ورهاڱي ڪراچي کي وفاقي يونٽ بڻائڻ يا ريفرنڊم جي ڪنهن به سازش قبول نه ڪنداسين جي يو آءِ سنڌ جو اڳواڻ ڊاڪٽر اي جي انصاري سنڌ جي وحدت، سڃاڻپ ۽ جاگ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ترڪش ڪالوني مڪلي جي مين شاهراهه تي اسپيڊ بريڪر نه هجڻ سبب حادثن ۾ واڌ

ست ورهين جو معصوم ٻار حياتي وڃائي ويٺو ترڪش ڪالوني جي مين شاهراهه تي اسپيڊ بريڪر (جمپ) نه هجڻ سبب تيز رفتار گاڏين جي ڪري حادثن جو خطرو وڌي ويو

ست ورهين جو معصوم ٻار سمير ولد الهچايو روڊ ڪراس ڪندي حادثي جو شڪار ٿي فوت ٿي ويو

حفاظتي انتظام نه هجڻ سبب پيادل هلندڙ ماڻهن، خاص طور تي ٻارن لاءِ روڊ ڪراس ڪرڻ انتهائي خطرناڪ بڻجي ويو آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ترڪش ڪالوني مڪلي جي مين شاهراهه تي اسپيڊ بريڪر نه هجڻ سبب حادثن ۾ واڌ، ست ورهين جو معصوم ٻار حياتي وڃائي ويٺو ترڪش ڪالوني جي مين شاهراهه تي اسپيڊ بريڪر (جمپ) نه هجڻ سبب تيز رفتار گاڏين ج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

شهيد شاهزيب ميموريل فرسٽ فٽبال ٽورنامينٽ 2026 جو روهڙي ۾ افتتاح

اڳوڻو چيمبر آف ڪامرس صدر محمد رضوان الحق ملڪ مهمان خاص، رانديگرن جي حوصلا افزائي

منتظمين پاران محمد رضوان الحق ملڪ کي سنڌي ٽوپي، اجرڪ ۽ يادگار شيلڊ پيش ڪئي وئي

گلن جا هار پارائي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو. تقريب دوران مهمان خاص ٻنهي ٽيمن جي رانديگرن سان تعارف حاصل ڪيو

سکر (بيورو رپوٽ) روهڙي ۾ فرسٽ شهيد شاهزيب ميموريل فٽبال ٽورنامينٽ 2026 جي افتتاحي تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ الحق فائونڊيشن جي باني ۽ اڳوڻي چيمبر آف ڪامرس جي صدر محمد رضوان الحق ملڪ مهما/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

جمعيت علماءِ اسلام يونٽ ٽينگا جو اهم اجلاس، 22 نومبر تي ٺٽي ۾ ٿيندڙ احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو

صبح 9 وڳي مدرسه معارف القرآن فاروقيه ٽينگا ۾ حضرت مولانا محمد حسن ٽينگو صاحب جي سرپرستي ۾ منعقد ٿيو

جنهن ۾ سڀاڻي 22 نومبر تي ضلعي هيڊڪوارٽر ٺٽو ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلعي ٺٽي پاران اعلانيل احتجاجي مظاهري بابت تفصيلي مشاورت ڪئي وئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جمعيت علماء اسلام يونٽ ٽينگا جو اهم اجلاس، 22 نومبر تي ٺٽي ۾ ٿيندڙ احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو جمعيت علماء اسلام يونٽ ٽينگا جو اهم اجلاس اڄ ڇنڇر 21 نومبر 2026 ع تي صبح 9 وڳي مدرسه معارف القرآن فاروقيه ٽينگا ۾ حضرت مولانا محمد حسن ٽينگو صاحب جي سرپرستي ۾ منعقد ٿيو. جنهن ۾ سڀاڻي 22 نومبر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

صحافي غلام قادر لغاري جي والد محبوب علي لغاري جي اوچتي وڇوڙي تي تعزيت

عوامي پريس ڪلب ڏڙو جي صدر طلعت ٻٽي پنهنجي ٽيم سميت تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي

ان موقعي تي صدر طلعت ٻٽي ۽ سندس ٽيم پاران مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي

ڏڙو (رپورٽر)عوامي پريس ڪلب ڏڙو جي ميمبر صحافي غلام قادر لغاري جي والد محبوب علي لغاري جي اوچتي وڇوڙي تي عوامي پريس ڪلب ڏڙو جي صدر طلعت ٻٽي پنهنجي ٽيم سميت تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي. ان موقعي تي صدر ط/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

سنڌ جي ورهاڱي خلاف جمعيت علماءِ اسلام جي احتجاجي ريلي مسجد خضر حيات کان ٺٽي پريس ڪلب پهتي

مولانا فضل الرحمان سان يڪجهتي جو اظهار، سنڌ دشمن مهم جي مذمت

سنڌ جي ورهاڱي جي ڪنهن به ڪوشش خلاف جدوجهد جاري رکي ويندي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)سنڌ جي ورهاڱي خلاف جمعيت علماءِ اسلام جي احتجاجي ريلي مسجد خضر حيات کان ٺٽي پريس ڪلب پهتي، مولانا فضل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ريلوي جي 480 ڪلوميٽر ڊائون ٽريڪ پرسان ريلوي لائين جو هڪ ٽڪرو زمين تي پيل هجڻ جو انڪشاف

ريلوي جي 480 ڪلوميٽر ڊائون ٽريڪ پرسان ريلوي لائين جو هڪ ٽڪرو زمين تي پيل هجڻ جو انڪشاف

ڌيان نه ڏيڻ سبب ڪنهن به وقت اٽوٽندڙ حادثو پيش اچڻ جو انديشو ظاهر ڪيو پيو وڃي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي شهر ويجهو مراد شاهه قاتڪ وٽ ريلوي جي 480 ڪلوميٽر ڊائون ٽريڪ پرسان ريلوي لائين جو هڪ ٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

آڏي ٽڪري لنڪ روڊ تي هڪ خانگي ڪمپنيءَ جي تيز رفتار ڊمپر جي ٽڪر

ٽڪر ۾ ڊمپر هيٺان اچي 8 ورهين جو فراز ولد عمران شيخ سخت زخمي ٿي پيو

زخمن جا سور نه سهندي واقعي واري هنڌ ئي دم ڏئي ڇڏيو حادثي جي خبر علائقي ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙيءَ پرسان پٽڻي ٿاٽي جي حد ۾ آڏي ٽڪري لنڪ روڊ تي هڪ خانگي ڪمپنيءَ جي تيز رفتار ڊمپر جي ٽڪر ۾/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سنڌي ادبي سنگت شاخ چيلهار پاران سريش ڪمار ۽ سندس پٽ لوڪمار جي افسوسناڪ قتل تي تعزيتي گڏجاڻي

سريش ڪما هڪ فرض سناش، ۽ سادي مزاج جو ماڻهو هو اهڙا قتل هڪڙي قسم جو ڊپ وارو ماحول پيدا ڪن ٿا

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) چيلهار :سنڌي ادبي سنگت شاخ چيلهار پاران سريش ڪمار ۽ سندس پٽ لوڪمار جي افسوسناڪ قتل تي تعزيتي گ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

شبير احمد قائم خاني پاران آصف افتخار کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد

سنڌ گورنمينٽ اسپتال ڪورنگي جي ميڊيڪل ايڊ ڪميٽي جي انچارج آصف افتخار سان ملاقات

ڪيس عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار علي ٻٽي) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ شبير احمد قائم خاني پاران آصف افتخار کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

جيڪب آباد جاني ديرو چوڪ کان صوفي پهلوان فقير روڊ جي سالن کان مرامت نٿي سگهي

روڊ ۾ ڪڏا پئجي ويا، راهگيرن کي مشڪلاتون اچڻ لڳيون، چونڊيل نمائندن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

صوفي پهلوان فقير درگاهه تائين روڊ سالن کان نه ٺهي سگهيو روڊ جي مرمت نه ٿيڻ ڪري روڊ ۾ ڪڏا پئجي ويا

جيڪب آباد (رپورٽر)جيڪب آباد جاني ديرو چوڪ کان صوفي پهلوان فقير روڊ جي سالن کان مرامت نٿي سگهي، روڊ ۾ ڪڏا پئجي ويا، راهگي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

حلقو خواتين جماعت اسلامي ضلعي عمرڪوٽ جي اهتمام هيٺ رڪنن ۽ ڪارڪنن جو خصوصي اجتماع منعقد

جنهن ۾ جماعت اسلامي جي عورتن رڪنن، اميدوارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

نئين چونڊيل ناظم حلقو خواتين ضلع عمرڪوٽ عشرت ناز پنهنجي نئين تنظيمي ذميواري جو حلف کنيو

ڪنري (رپورٽ/ ذوالفقار ٻٽي) حلقو خواتين جماعت اسلامي ضلعي عمرڪوٽ جي اهتمام هيٺ رڪنن ۽ ڪارڪنن جو خصوصي اجتماع منعق/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

جهمپير جي رهواسي صادق چانگ ۽ سندس پٽن صحافين اڳيان احتجاج

ڪريم بخش عرف ڪرو خاصخيلي ۽ سندس پٽ منهنجي ڪوهستاني اباڻي زمين تي قبضو ڪرڻ ٿا چاهين

منهنجي ٻني ۾ بيٺل فصل کي مال کان پيلائي مونکي وڏو نقصان پهچايو آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير جي رهواسي صادق چانگ ۽ سندس پٽن صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته ڪريم بخش عرف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ٿرپارڪر جي 2 لک 20 هزار خاندانن کي ٽي مهينن لاءِ 8 هزار روپيا ڏيڻ واري رقم کي ٿر جي عوام سان مذاق قرار

خوراڪ جي شين کي ماهوار اڌ قيمت تي سبسڊي ڏيڻي سهائتا ڪرڻ ٿر ڪول جي رائلٽي ٿر جي عوام تي خرچ ڪرڻ جو مطالبو

ٿر قدرتي معدني وسيلن سان مالا مال شاهوڪار خطو آهي جيڪو وسيلن جي استعمال سبب ملڪ کي بدلائي روشن ڪري رهيو آهي

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو) ٿر سٽيزن فورم پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏي وزير پاران ڏڪار متاثرين جي سهائتا لاءِ بينظير انڪم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

مٺي کان چيلهار ويندي سوزوڪي کي حادثو، نوجوان سخت زخمي

سوزوڪي ۾ اوچتو بريڪ لڳڻ سبب خوفناڪ حادثو پيش آيو

حادثي ۾ اسماعيل پٽ گل حسن بجير، رهواسي مٺي اوپر پاڙو سخت زخمي ٿي پيو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)مٺي کان چيلهار ويندي سوزوڪي کي حادثو، نوجوان سخت زخمي سوزوڪي ۾ اوچتو بريڪ لڳڻ سبب خوفناڪ حادثو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ٺٽي ۾ روٽري ڪلب آف ڪراچي ۽ روٽري ڪلب مڪلي جي گڏيل سهڪار سان فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

200 کان وڌيڪ مريضن ڪن نڪ، گلو ۽ عام بيمارين جو علاج ڪري کين مفت دوائون ڏنيون ويون

غريب ۽ مسڪين ماڻهن جو نه صرف علاج پر نئون گهرن جي تعمير سميت ٻيون خدمتون انجام ڏيندي پئي اچي

ٺٽي ۾ غربت انتهائي گهڻي آهي،ان ڪري عام ماڻهون هڪ ويلو به وڏي مشڪل سان ڪمائي ٿو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ روٽري ڪلب آف ڪراچي ۽ روٽري ڪلب مڪلي جي گڏيل سهڪار سان فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي 200 کان وڌيڪ مريضن ڪن نڪ، گلو ۽ عام بيمارين جو علاج ڪري کين مفت دوائون ڏنيون ويون،/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

پير سائين شاهه مردان شاهه جي فڪر هيٺ عوامي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين: مبارڪ علي مهر

تقريب ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري سميت پارٽي جي سمورن عهديدارن ۽ ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي

انشاءالله پير سائين جي قيادت ۽ فڪر هيٺ سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي

ميرپورخاص ۾ پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو، ان موقعي تي پارٽي جا ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ موجود هئا

ميرپورخاص (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ميرپورخاص جي ضلعي صدر مبارڪ علي مهر چيو آهي ته پير سائين شاهه مردان شاهه پاڪستان جي هڪ عظيم شخصيت هئا، جن جي قيادت ۾ مسلم ليگ فنڪشنل هميشه جمهو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

اوڏيرولال وليج ۾ چيئرمين جي خالي ٿيل سيٽ تي چونڊ، تياريون مڪمل

چونڊ ميدان ۾ پيپلزپارٽي، آزاد ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جا مجموعي طور 3 اميدوار ميدان ۾ لٿل

چونڊ عمل کي پرامن ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ مجموعي طور 12 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون

اوڏيرولال (رپورٽر) اوڏيرولال وليج جي يوسي 29 تي چيئرمين جي خالي ٿيل سيٽ لاءِ اڄ چونڊون ٿي رهيون آهن. جنهن لاءِ انتظامي ۽ سيڪيو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ٽنڊوالهيار اڳوڻي سينيٽر راحيلا گل مگسي منصور ڪالوني ۾ ڪشميري برادري جي قتل ٿيل نوجوان جي وارثن وٽ پهتي

هڪ مهينو گذري وڃڻ باوجود نوجوان جي قتل ۾ شامل جوابدارن کي پوليس گرفتار ناهي ڪيو : ڊاڪٽر راحيلا گل مگسي

وارثن طرفان قتل جي ايف آئي آر پڻ داخل ڪرائي هئي ۽ ملوث ماڻهن جا نالا پڻ ايف آئي آر ۾ نامزد آهن

وارث مسلسل ٿاڻن جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن پر پوليس وارثن سان ڪنهن قسم جو تعاون نه پئي ڪري

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار اڳوڻي سينيٽر راحيلا گل مگسي منصور ڪالوني ۾ ڪشميري برادري جي قتل ٿيل نوجوان جي وارثن وٽ پهتي، اڳوڻي سينيٽر مقتول ارسلان ڪشميري جي وارثن سان تعزيت پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳوڻي سينيٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ميرپورخاص ۾ قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان جي ڪردار ڪشي ۽ ملڪ کي ورهائڻ جي سازشن خلاف ڀرپور احتجاجي مظاهرو

مولانا فضل الرحمان خلاف جاري ڪردار ڪشي جي مهم، ملڪ کي ورهائڻ جي سازشن ۽ ديني مدرسن خلاف قدمن تي سخت احتجاج ڪيو ويو

ديني مدرسن جو تحفظ، آئين ۽ جمهوريت جي بالادستي، سنڌ جي اتحاد ۽ يڪجهتي لاءِ جمعيت علماءِ اسلام پنهنجي جدوجهد جاري رکندي

قائد جمعيت خلاف ڪردار ڪشي جو سلسلو بند ڪيو وڃي، ديني مدرسن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي هدايتن تي ميرپورخاص ۾ مدينه مسجد پاهران ضلعي امير حضرت مولانا حفيظ الرحمان فيض جي اڳواڻي ۾ ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ قائد جمعيت حضرت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ميرپورخاص ۾ ملڪ کي ورهائڻ جي سازشن خلاف ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪندي

بدين ۾ هيلپنگ هينڊ جي اهتمام هيٺ هاءِ اچيور ايوارڊز 2026 ع تقريب

بدين (رپورٽر) هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ (ايچ ايچ آر ڊي) بدين ڪلسٽر جي اهتمام هي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

چيلهار واقعي جي جاچ لاءِ گڏيل پوليس ٽيم قائم، نوٽيفڪيشن جاري

مٺي / ٿرپارڪر(رپورٽر) چيلهار ۾ پيش آيل ٻٽي قتل واري واقعي جي شفاف جاچ لاءِ ڊي آءِ جي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي پاران نوابشاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

زرعي ٻاڻ جون وڌايل قيمتون گهٽائي ٻاڻ جي بليڪ تي وڪري جو سلسلو بند ڪيو وڃي

شگر ملون فوري طور تي هلايون وڃن ۽ ڪمند جو اگهه 1000 رپيا في مڻ مقرر ڪيو وڃي

ناانصافيون ختم ڪري آبادگارن جا جائز مسئلا فوري طور حل ڪري کين رليف فراهم ڪيو وڃي

نوابشاهه(رپورٽر) ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي پاران نوابشاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي ڪامريڊ ذوالفقار رستماڻي، پير شهاب الدين، صفت رند ۽ محمد سومر پنگوار چيو ت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

جمعيت علماءِ اسلام جي سنڌ جي ورهاڱي ۽ مولانا فضل الرحمان خلاف مبينا ڪردار ڪشي واري عمل خلاف احتجاجي ريلي

نيو سبزي منڊي بدين سڄاول چوڪ کان پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان تائين احتجاجي پيادل مارچ ڪري ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ حامين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

احتجاجي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي، جتي اڳواڻن خطاب ڪندي پنهنجي خيالن جو اظهار

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) ٽنڊو محمد خان ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي سنڌ جي ورهاڱي ۽ مولانا فضل الرحمان خلاف مبينا ڪردار ڪشي واري عمل خلاف احتجاجي ريلي، سنڌ هڪ هئي، هڪ آهي ۽ هڪ رهندي: اڳواڻ ٽنڊو محمد خان جمعيت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ٽنڊو محمد خان: جمعيت علماءِ اسلام جي سنڌ جي ورهاڱي خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

عوام کي صاف پاڻي جي فراهمي اولين ترجيح آهي: محمد سليم بلوچ

مٺي/ٿرپارڪر:(رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٻهراڙين جي ترقي واري ڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

هالا ۾ سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ نوجوانن جي اهم گڏجاڻي

هالا (رپورٽر) ايڪشن ڪميٽي ضلعي متياري جي متحرڪ اڳواڻ سلمان علي لغاري جي اڳواڻي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

سڳيون جي رهواسڻ ناري نوشاد خاتون چنه اعجاز علي چنه سان گمبٽ جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو

ناري نوشاد مڙس اعجاز سان گڏ جي سٽي پريس ڪلب سڳيون پهچي ڊي آءِ جي سکر ايس ايس خيرپور کان تحفظ ڏين گهر

سجاد چنو ٻيا مائٽ سهراب چنو صدورو چنو، اڪبر ولد گلڻ چنو عباس چنو روشن ۽ ٻيا مونکي ۽ منهنجي مڙس کي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن : ناري

سڳيون (رپورٽر) سڳيون جي رهواسڻ ناري نوشاد خاتون چنه اعجاز علي چنه سان گمبٽ جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو ناري نوشاد مڙس اعجاز سان گڏ جي سٽي پريس ڪلب سڳيون پهچي ڊي آءِ جي سکر ايس ايس خيرپور کان تحفظ ڏين گهر ڪئي آهي. رپورٽ موجب سڳيون پرسان ڳوٺ محمد يوسف چنه جو رهواسي اعجاز علي چنه ولد علي گل چنه سڳيون شهر ج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

ملير: حاجي شيدي ڳوٺ ۾ گٽرن جو نظام تباهه، گندو پاڻي گهرن ۾ داخل

يونين ڪميٽي درسانه چنه جي علائقي حاجي شيدي ڳوٺ ۾ گٽرن جو نظام مڪمل طور تي ناڪاره بڻجي ويو

افسوس جو بار بار شڪايتن ۽ خاطريءَ باوجود اڃا تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي: علائقي واسي

ملير(رپورٽر) ملير جي گڏاپ ٽائون: حاجي شيدي ڳوٺ ۾ گٽرن جو نظام تباهه، گندو پاڻي گهرن ۾ داخل، رهواسين جو چونڊيل نمائندن ۽ بلدياتي انتظاميا خلاف سخت احتجاج گڏاپ ٽائون جي يونين ڪميٽي درسانه چنه جي علائقي حاجي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33